




# گورک مٿي چنڊ

(شاعري)

عزيز ڪنگراڻي

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

# ارپنا

## استاد بخاريءَ
## جي نانءِ



# سٽاءُ

- پنهنجي پاران: عزيز ڪنگراڻي/5

## شاعريءَ جي ترتيب

1. **بيت**/9
2. **وايون**/23
3. **غزل**/33
4. **چئوسٽا**/93
5. **ترائيل**/103
6. **هائيڪا**/109
7. **آزاد نظم**/121
8. **متفرق شعر**/144

# پنهنجي پاران

## ڪتبو

منهنجي قبر جو ڪتبو پڙهي،
منهنجي دانا،
دشمن پٽڪيو،
مار!! اجا هيءَ جيئرو آهي!!



ڪتاب جو نالو: گورڪ مٿي چنڊ
شاعر: عزيز ڪنگراڻي
تعداد: هڪ هزار
ڇاپو پهريون: آڪٽوبر 2016
پاران: نئون نياپو اڪيڊمي،
C_4 سچل ڳوٺ، گلشن اقبال ٽائون، ڪراچي سنڌ
Ph # 021_32624153, 34690389
Cell # 0333_3211582
مُلهه =200

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(360)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. ڪتاب **”گورک مٽي چنڊ“** نامياري شاعر، ليکڪ ۽ ڊراما نگار **عزيز ڪنگراڻي** جي شاعريءَ جو ٻيو مجموعو آهي.

عزيز ڪنگراڻي جي سڃاڻ صرف شاعر واري ناهي رهي، هو سنو ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار، تنقيد نگار، مقالانگار ۽ محقق بہ آهي. هو شاعريءَ ۾ فطرتي حسناڪين کي خوب انداز سان بيان ڪري ٿو، سندس تعلق ڪاڇي جي علائقي جوهيءَ سان آهي تنهنڪري هن وٽ لفظن رواني ۽ رنگن جو ميلاپ بہ موجود آهي. هو احساس جو شاعر آهي جنهن ڳوٺن ۾ زندگيءَ کي ويجهي کان نہ صرف پرکيو آهي پر پاڻ بہ ڏکن ۽ سکن سان ناتو نڀايو آهي. هن ڪاڇي ۽ گورک جي سونهن ۽ سندرتا سان گڏ محبوب جي خمار کي بہ بيان ڪيو آهي.

هي ڪتاب **نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ ڪراچي** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست انعام عباسيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي، مهربانيون سائين عزيز ڪنگراڻيءَ جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاح ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**



# بيت

ڪاٿي آن سڄڻي، سار ٻہ ڇڄ تلوارآ،
جُدائي اَگني، انگ آ آڙاھ ۾.

تو بن منھنجو جيئڙو، تو لئہ ٿو لوچي،
ھر پل ٿو سوچي، تنھنجو پيار پريتڙو.

تنھنجي ھر ھڪ ياد آ، خوشبوءِ جو احساس،
سُرھا سڀ حواس، جنھن پل يادُون ٻَڪ ۾.

ٻُوءِ بدن جي موتيو، ساھہ گُلن جو واسُ،
روز ملڻ جي آسُ، واجھائي دل وِسڪِڻي.

تھنجي ڳل تي چپ رکي، ماکي لار چکيم،
ياڪِي پائي وتم، واس تنھنجي وجود جو.

ھِينئڙو ڊِنڊِ مَکي، يادُون ڇُلندڙ ڇولِيُون،
تنھجو پيار پَکي، روز لھي ٿو شام جو.

ھٿ ڇُمي ھو تو چيو، تون وسارين متان،
ساجن ھاڻ ڪِٿان، آندءِ ويسر ايتري.



ايندي ھُئينءَ ٿُون پاڻ، مست محبت موج ۾
رُوح جھٽيندو روز ھو، ساھَن جي سُرھاڻ،
ڪِيئن وساريَئِي ھاڻ، محب ملڻ جا ڏينھنڙا؟

تنھنجا انگ انگُورِيَل، منھنجا چپ ھيراڪ،
مِنيُون منھنجيُون ماڪ، تنھنجا ڳل گُلاب ھا.

ڪوئل پئي ڪُوڪيو، گورگ جي وڏڪار ۾،
اندر پئي ٻڙڪيو، تو بن ٿڏڙي ھير ۾.

ھُوءَ جا گاج ندي، دھشت منجھہ درياھ جان
گوڙ ڪندِي گجندِي، وھندي صدين کان اچي.

نيڻ ٻٽيا ڪڪرِين جيان، گورک ٽَڪرِي مَنُ،
تو بِن تتل تَنُ، ۽ ڪڻ ڪڻ نيڻ ڪنار مان.

گورک مٽي سچ، لھندي گورگ کي چيو:
مان ھان ٽِڪو گَجُ، تون آن ٽِڪرِي جنّتي.

مان ۽ ٿُون ٻئي پاڪُرين، مھڪيا چوڏس مَنڊُ،
گورگ مٽي چنڊ، تڪيو بيٺي پاڻ کي،

گورک مٿي چنڊ، تڪيو بيٺي پاڻ کي
ٿُون جهوليءَ ۾ ننڊ، منهنجا خواب خماريل.

تو بن موسم درد جي، نيڻن ۾ ڪڻ ڪڻ،
گهيريل منهنجي جيءَ کي، اُڻ ٿُڻ تي اُڻ ٿُڻ،
دُوريءَ جي هڻ ڪڻ، ڏنگيو هر پل ڏِيل کي.

چپن جي چُرپُر مِٺِي، چيڙيا مَڌُر ساز،
نيڻ پڙهيا نماز، تنهنجي ورق وِجُود تي.

تو نہ سُڄاتو عشق کي، تو نہ پرکيو نينهن،
عشق تہ لوچ آ دائمي، ڳولا راتيان ڏينهن،
عشق وفا جو مِينهَن، عشق سچائي سوجهرو.

سچڻي تهنجي سار، سهڪو ڌڪو ساهہ جو
دل جا سپ دُوار، تنهنجا آهن منتظر.

وڇڙي توکان جي مُئس، سو جڻ ڪوجهو موت،
تنهنجي جهولي جوت، موت بہ پوءِ جڻ زندگي.

پاءِ نہ چنڊ لِئا، منهنجو چنڊ مون جهول ۾
دشمن ڪوڙ ٻيا، تون تہ نہ رهہ ايئن تاڙ ۾.



چڏ مِٺِي چيڏڪ، مان هان وچٺو ماڳ ڏي
تون تہ منهنجي پيار جي، بيشڪ آن هيرڪ،
چاهت جي چِيٽڪ، مور نہ مٿي ديس کان.

هڪڙو منهنجو ٿر، ابر تنهنجي آسري
ٻيو آ ڪاچو گهر، جنهن جي جُوهہ وِسوڳ ۾.

رات بہ ٻوڙان ٻوڙ وُٺو ٿر ڪاڇي مٿان
مؤليِ مِهران جوڙ سنگهارن کي سک سان.

نہ سو پاڻيءَ پيچ ۽، نہ سو رائو ريج،
بنجر پُونءِ پُڪاريو، سُرتيا سَڏُ سُٽيج،
ڏلهڪِي نياپو ڏيج، اُلرِي اُج اُجاڙِيو.

سارو ڪاچو سوڪ، ساري روز سُڪارڪي
پاڻي لَپُ جي ڪاڻ پيو، لِيلائي ٿو لوڪ،
مهر منجهاران موڪ، آڻي مينهن مندائتو.

موتي آئي سانوڻي، موتئين تون نہ مَنَ،
گرجِي گورک گاج تي، بادل ٿا برسن،
ڪڙڪِي گوڙون چؤطرف، چيرون ٿيون چيڙن،
تو بن ڪيئن گذرن، هيڪل پل هِن مند ۾.

خالي ڳاگهر ڳچ تي، گُهوري ٻِيٺو گهر،
صديـن کان ڇو پِياس ۾، ٿاريلِي ۾ ٿر،
پاٽي ڍُڪ جي تلاش ۾، تڙپي سارو ٿَر،
پُورا ٽِيَنَ پَهَر، جِيئڻ ڪارڻ جُهد ۾.

ٿاريلين سِر ٻيلهڙا، کِهڻ ۾ ڪٽن پير،
پاٽي کوهين ڏُور پر، پَرِن ديرسوير،
سار لهي ٿو ڪير، سندن ڏک ڏهاڳ ۾.

جيئين ٽِڪا ڳُجُ، تيئين من ۾ آس آ
اندر منجهہ اهنجُ، ٻاهر اُجرا اولڙا.

سُورن منجهہ ساڻيهہ، تہ ٻہ ٿي سانديان ساهہ ۾
ٻاجهاران سرسبز ٿئي، منهنجو ڏکيو ڏيهہ،
ساريان روز سنگهار ٿي، ڇِڪ جو ناهي ڇيهہ،
رُوح ٽُٽل کي ريهہ، اچي ڏيندم اوڏڙا.

مؤليٰ منهنجي سنڌ کي، لڳي نہ ڪوسو واءُ،
گهاٽو گهنگهر گهاءُ، ڏُور تون رکجان ديس کان.



www.sindhsalamat.com

ڏُور تون رکجان ديس کان، ڏُوئي دوکو داءُ،
صدين تائين ساءَ، ٻکي سرتي سنڌ کي.

پندرهن جي پُورم، سورنهن جو سُٽڪاٽ،
توڙي سپ ٽڪساٽ، رکجان ديس اُتامرو.

جِتي جمِي مُون، ويهِي نُور نِچوڙيو
ڪاچي سندي پُونءِ، رهندي سدا ساهہ ۾.

جيءُ اندر جوٺُون، سِري وِچولي لاڙ جون
سنڌڙي جندڙي ٺُون، تنهنجو وِردُ وِجُود ۾.

دل ۾ ديس وَسي، رڳ رڳ پيرو پُونءِ جو
لاڏَوَن روز لُڏي، ڏڙڪن جي پينگهہ ۾

دل من ۾ ديرا، دلبر پنهنجي ديس جا
جوڙيل آهن جيءُ ۾، وسنديون واهيرا،
اکيُون آکيرا، ڏرتي سرتي سِيم جا.

پرينءَ سان گڏ ديس لئہ. ڏک جي چِت ۾ چيخ ،
تورِ ڪندي تاريخ، پرکي پيار پريتڻو.



www.sindhsalamat.com

احساسن جي تند سان، اُٽيل دل ۾ ديسُ،
سُرهِي سوچ سُويسُ، تاجي پيٽو پيار جو.

ٻاڳُو ٻان ٻِگت، ڳاتا ٻَڄن ٻُونءِ جا
پن چڻ کي للڪارِيو، آٽيو رُت ٻسنت،
پر نہ اجا انت، آيو اهنج عذاب جو.

جيڪو تاتيو تو، روشن سورج سوچ ۾
ناهي اپريو سو، پٽڪِي ٻُونءِ ٻُڏائيو.

اپري پوندو نيٺ سو، ساجهہ جو سورج،
اوندهہ سان اورج، چاڻ سهڙيو سوجهرو.

ڪِينُ ڪڍهن ارمان، ڪر تون دير سوير جو
اوٿر نہ اُٿيو آهہ سو، ميڙج سگهہ مهان،
همت هُو ڏس حوصلا، چڙ تاٽيل تير ڪمان،
جيتر هيءُ جَهان، تيتر لاهہ نہ آسرو.

دنيا جي آ پيٽ ۾، صديون پوئتي سوچ،
هيڪر اهڙي حال تي، لَهُو ڏيئي لوچ،
تون نہ تہ پونيو پوچ، پڪ سان پسندو روشني.



پُختو رک ويساهہ تون، ڦُٽندي اُجري باک،
سُرت ڪئين آ ساک، سوچ سُهائو سوجهرو.

اجا اوراهون ٿو لڳي، پنهنجو سوچيل پنڌ،
مُور نہ ويجهو هَنڌ، آڇي جو آسُودگي.

جيسين تنهنجو دم، جاري رک جاکوڙ کي
اِيءُ تہ ڪوجهو ڪم، جو نندڙون ڪرين نانهن ۾.

ساجهہ جو اهڃاڻ، ٻڌجي سُرتيا سوچ تون
آڇي جا ڏرتي رَهِي، سا ٿُون سنڌ سُڃاڻ،
جنهن وٽ پنهنجو سمنڊ هو، صحرا اُپ مهراڻ،
اؤج اُنهيءَ ڪاڻ، سُڌڪي ڏلهڪي سنڌ ٿي.

ظالم پل زبرو، وڙهبو وڏ ويڙهاند ۾
ورچيندو جو سنڌ ڪي، سو آ بي خبرو،
تبري تي تبرو، هلندس پيو تاريخ ۾.

هُو جي ڪالهہ هُيا، ٻولِيُون ٻولِيندڙ پکي،
نيڻ تَڪيندي اڄ ٿَڪا، واهيري نہ وَرِيا،
قَضا قيدگَيا، نہ تہ موٽن ها سي مهل تي.

ڪاچي منجهه ٿَلُور، پرڏيهان آيل پکي
نسل ڪُشي هر سال ٿئي، ڪيڏو آهه ڪلُور،
هِن جو آهه قصور، سنڌ ۾ پاند پناهه جو.

ماءُ! تنهنجي ياد، دل ۾ جڻ ته ڪربلا
موت نه ٽرٽو آ ڪڏهن، چيو آدجڳاد،
ناهه وڄائي ناد، سُر وِڪيريا سوز جا.

دل جي ڪربل ۾ لڳي، ڏُکندڙ درد يزيد،
هرپل محرم ماهه جان، جذبا سڀ شهيد،
سختيون سُور شديد، همت آهه حُسين جي.

نانءُ نه آ نيڙي، هر ڪُنڊ ڳندا ٻاٻري،
ڏنا پار پهاڙ ٿي، هِن چاڙهي هُن چيڙي،
همت سان جهيڙي، پهتو نانءُ نشان کي.

درد ته منهنجو دادلو، درد آ گهر پاتي
ڄمندي جنهن پاتي، جهاتي منهنجي جيءُ ۾.

هِت ٿاندو، هُت چاتڙي، جيڏهن ڪيڏهن باهه،
جيئون ڄر ۾ ڄراتجي، ڪانه سُجهي ٿي واهه،
پڄرڻ منجهه پساهه، سڙڻ منجهه به سوجهرو.



شام جو لهندڙ سج کي، .منچر روئي چيو
منهنجو اؤج ويو، آر بي او ڊي جي چوڙ سان.

ٽڙپڻ جا تحفا ڏنا، جيون جي هر سال،
ماضي گذريو حال، دردن کي دارون ڪندي.

عمر نندڍيءَ جا ڏک، پوڙهپ ۾ پڌرا ٿيا
هيءَ به هڪڙي سِڪ، سُور سنڀاليندو اچي.

"نڪي ڪُن فَيڪُون هو، نڪي لڱ لحم،"
انهيءَ اونهي راز جي، اوک ۾ ٻوک ڪيم،
نه ڪا ڪن ٻَلير پئي، نه سُٽڪو سوچ فهم،
ڳوليئي ڪين لڌم، انوکي اسرار کي.

انوکي اسرار جو، پَردن منجهه پڙلاءُ،
ورهين ڪان ورجاءُ، ڳوڙهي انهيءَ ڳجهه جو

ڳوڙهي انهيءَ ڳجهه کي، اکين ڪين پَسيو،
ڇهين حِس ڇهيو، آنهه ۾ نانهه عميق کي.

ڦُٽا وؤنڊ وٽن ۾، چونڊن تر واريُون،
مِلُون جوڙن ٿانَ پيون، پريل بازاريُون،
واجهائن ٿيون ريڙ لئہ، ويٺيون ويچاريُون،
هر پل غربت گهيريون، محنت جون ماريُون،
اُڍڙيل چولا انگ تي، ٻِتَنُ ۾ تاساريُون،
ڪالهہ بہ ڏَڏَريون ڏُک سي، اج بہ آزاريُون،
مانُ نہ وڪڻن مُور سي، توڙي بُک ماريُون،
آهُون چڻ آرِيُون، سيد سُٽج لطيف ٿُون.

پنهنجن جو پنهنجو ڳهي، روڙي رهڙي ماس،
ڪهڙو ڏوهہ آ عام تي، هِت دانشمند اُداس،
رت رُنو آڪاس، ٻڙڪِي پُونءِ ٻاڪاريو.

جيڪو سوچي ذات، تِنهن جي سوچ تراڪڙي
جو پاڪِي وجهي پُونءَ ڪي، سو نہ ڪائي مات،
تَنُ ۾ تر جي تات، صدين تائين سوجهرو.

آءُ ڪيان ڪيئن عيد، مارُو اڪثر مامري
جهوپن، چؤرن چؤٺ تي، دردوندي هر دِيد،
غربت ساري غرق ڪئي، خوشي توڙي خريد،
ڪير ڪندو ترديد، درد جنهن وٺ ديس جو.

***

# وايون

سُڳنڌ ٻڄن ڌڙڪنون، سُرها سُرها ساهه!
جنهن پل آهين پاڪرين!
پيئن پيئارن روز ٿا، چپ چُسڪِي چاهه!
جنهن پل آهين پاڪرين!
وَهيءَ وراڪا وڄ جا، پڙڪِي ٻُت ۾ ٻاهه!
جنهن پل آهين پاڪرين!
ٻانهن ۾ ڇُلڪي پيو، جوڀن مست درياهه!
جنهن پل آهين پاڪرين!
تاڙيندي آهي پرين، ناوڪ لوڪ نگاهه!
جنهن پل آهين پاڪرين!
ڇيڙن ڇير عزيز ٿا، جذبا جوش اَٿاهه!
جنهن پل آهين پاڪرين!



ڪاڇي جو پٽ ٻوڙيو بارش راتوڪِي!
سار لڏي آ سانوڻي!
اُس ۾ سُڪائي نينگري، چُنرِي آڏوڪي!
سار لڏي آ سانوڻي!
ميهوڳيءَ جي موڄ ۾، ڇَرَ ڄڻ چانڊوڪِي!
سار لڏي آ سانوڻي!
ڪاڇي جي منڊ ڍوليا، ماڻيون هيلوڪِي!
سار لڏي آ سانوڻي!

سنگ ڳڪوريا لاب پيا، موسم ۾ ٿي ڦير!
توچو لاتا ڏينهڙا؟
پچران ياد جي باھ ۾، تو بن منهنجو ڪير!
توچو لاتا ڏينهڙا؟
گهاريان ڪاچي هيڪلي، سارُون صبح سوير!
توچو لاتا ڏينهڙا؟
ڪنڌي پانيان ڪوڙڪِي، هينئڙي تنهنجي هير!
توچو لاتا ڏينهڙا؟
تو لئہ چوندي مون رکيا، ڍوليا پيرون ڍير!
توچو لاتا ڏينهڙا؟



اُڻ ٽُڻ آ هيڪاند،
پِنا نيڻ پلاند!
تو ڪيئن وسريس ڍوليا؟
رِيڙِ نہ آهي زندگي،
جيون ناهي راند!
تو ڪيئن وسريس ڍوليا؟
تو بن آهي هرگهڙي،
من ۾ مونجهہ ۽ ماند!
تو ڪيئن وسريس ڍوليا؟
جهوراٽي جي جند ۾،
وَر وَر آ ويڙهاند!
تو ڪيئن وسريس ڍوليا؟
چرم جذبا ريشمي،
ڪُٽڪيس ڏيندي ڪاند!
تو ڪيئن وسريس ڍوليا؟
اچ تہ جويِن ماٽيون،
ڪڙهان تو بن ڪانڌ!
تو ڪيئن وسريس ڍوليا؟

ٿُنهنجي نالي جو سِجُ نہ لهڻو آ!
صَديُون وِٿنديُون روشني!
ٿُنهنجي خُون ڪَٿُور جو ڏِيئو ٻرڻو آ!
صَديُون وِٿنديُون روشني!
جِيون، سوچ، شعُور ڄڻ، جوت جو جهرڻو آ!
صَديُون وِٿنديُون روشني!
جو پِي پل تو گهارِيو، روشن ڪِرڻو آ!
صَديُون وِٿنديُون روشني!
مؤت هُجي يا زندگي، جَرڪِي جِيئڻو آ!
صَديُون وِٿنديُون روشني!
جو ٻہ خَمِيرآ سنڌجو، مَرڪي ملهڻو آ!
صَديُون وِٿنديُون روشني!



درد پسي دور جو پيا اندر منجهہ اَنبُور!
روڪيو انڌ انڌير کي!
ڪامي پتر پيند ويو ٻڻي پُونءِ ٿَنُور!
روڪيو انڌ انڌير کي!
ڪک پن ويو آهي ٻري، سڙيا سلا ٻُور!
روڪيو انڌ انڌير کي!
ٻيرا ٻيرا ماڻهپو، جذبا چڪنا چُور!
روڪيو انڌ انڌير کي!
اڄ ٻہ لال ڪُنوارڻو ڪُهي ڪِيسُ ڪَلُور!
روڪيو انڌ انڌير کي!

ماڻهو منهنجي ڏيهہ جو ڪو بہ ڏکيو هوندو!
جُهريو هوندو جيئڙو!
ڏاڍ جڏهن بي ڏوهہ ڪو، ڳُوندڙ ڪُٺو هوندو!
جُهريو هوندو جيئڙو!
تڙپي سُرڪِي ٿيڃ لئہ، ڪو ٻار رُنو هوندو!
جُهريو هوندو جيئڙو!
دنيا هيڏي وشال ۾، ڪو پيٽ بکيو هوندو!
جُهريو هوندو جيئڙو!
پونءِ جي گولي تي ڪٿي، ڪو ٻم ڪريو هوندو!
جُهريو هوندو جيئڙو!
ڪاڇي مينهن وُٺو نہ جي، ۽ ٿوٿ سُڪو هوندو!!
جُهريو هوندو جيئڙو.!
ڪارونجهر جي ڪور تي، ٿر جو مور اُڃو هوندو!!
جُهريو هوندو جيئڙو!

# غزل

تنهنجي خوشبو ۾ هِير وِهنتِي آ.
۽ گُهلي مهڪي مون ڏي پهتِي آ.

ٺهڪ گورڪ تي بُوندباري جان،
مُرڪ بارش ٿي دل تي برسِي آ.

پيار آ ڪائنات جذبن جي،
سُونهن رنگن ڀري سُمرتِي آ.

دِل خوشي ۾ نَچي ٻَڏِي گُهنگهرُو
پاڻ مون سان اچي هُو پرتِي آ.

هرڻ جان ياد من ۾ چال ڏنا،
دل بہ تنهنجي اُڪِير ورتِي آ.

انتظاري اُماڙيُون ٻڻجي،
منهنجي نيڻن ۾ روز ترسِي آ.

حوصلن جي عزيز ميڙن ۾،
مون ملهائي ڏُکن جي ورسِي آ.



گلاب پوکي ڪنڊا لُٽياسين.
رکي اکين تي چُمي چُٽياسين.

پريت پنهنجيءَ جا تاجي پيٺا،
رنگين احساس سان اُٺياسين.

جُدائي پن چڙ ٿي گهيريو جذهين،
پرين پنن جان ڇِڇي ڇَٽياسين.

نچِي رڳن ۾جي هيڪلائي ،
تہ بي خودي ۾ اچِي نچياسين.

عزيز دردن جي رنگتن ۾،
اسان بہ هولي جا رنگ ٻَٽياسين.

ڳنڍِي دل جِي پائن اُڪِيرُون عزيز.
سمنڊ جون جئين لهرُون وِيرُون عزيز.

رُسِي ننڊ مون کان وئي تو جيان،
ٿيون راتيون وجهن من ۾ سِيرُون عزيز.

پنل وار جنهن پل ٿي کولي ڇَنڊين،
اچن ٿيون کڻي خوشبُوءِ هِيرُون عزيز.

گُليلي نگاهون ڏَڪِيو دل وِجهن،
ڏسين وجهندي ٿَورِيءَ ۾ پيرُون عزيز.

قلم جي تِکي نوڪ سان موت جون،
ميساري ڇڏيون تو لڪِيرُون عزيز.

اچي واس ڳَتَرَڻ جو تِن مان جَجهو
زماني ڏنيون جي ٻـ جِهيرُون عزيز.

اُڪنڊ گُل جي سُرهڻ سنديون ساه کي،
سدائين وِڪوڙيل زنجِيرُون عزيز



تو سِوا ساريون خوشيون پڄرِي ويون.
سوڳ ۾ سڀ موسمون گذري ويون.

پِيڙِ سُرهي سار جي من ۾ وَڏِي،
ساه ۾ ڇڻ سُرهڻُون وکري ويون.

ڇڻ گُلن جو کيت آ تنهنجو بدن،
هِيرُون هُٻڪارُون کڻي پکڙي ويون.

درد جا گُل من جي آڱُر تي ڪِڙيا،
رُوح جون رنگِينيون نکري ويون.

ساٿ مشڪل وقت ۾ ڪوئي ڏئي،
غلط فهميون ذهن مان نِڪرِي ويون،

روڳ جي بارش ۾ وهنجي ڏوپجي،
هيڪلائي جون گهڙيون اُجري ويون.

وقت کان پوءِ ٿُون مليءَ مونسان عزيز.
سڀ اُداسيُون پَرُ ڪري اُڏري ويون.

ڇُھي تنهنجي مون ڇهري تي حجابن جون ڇَڪِيون پوکيون.
چپن سان ٿي ڳلن تي تو گلابن جون ڇَڪِيون پوکيون.

غمن جي ڇال ڏئي وهندڙ اجهل دريا ڪنارن سان،
سدائين سهپ ساهَس جي ئي انبن جون ڇَڪِيون پوکيون.

وڇوڙي جون جذهن دل من ۾ ويرانيون ڦُٽي ڦهليون،
ملڻ جي آس ۾ نيڻن ۾ خوابن جون ڇَڪِيون پوکيون.

عمر ڀر سونهن ۾ سوڀيا جي پُوڄاري عزيز آهن.
حُسن آڳُر ۾ سجدن جي ثوابن جون ڇَڪِيون پوکيون .



ڪوبہ توسان نہ رابطو آهي.
هر گهڙي درد ڀرجهلو آهي.

باهہ ٻيلي ۾ سِرڪندي آ جئين،
روڳ تيئن دل ڏي سِرڪندو آهي.

پيار ماڻِي سدائين ڇَرپيلي،
پر نہ رُڪڻو هي سلسلو آهي.

مُون ڇُهيو هو اکين سان سُرهو بدن،
ساهہ سُرهو پرين ڀَڪو آهي.

دل جي دڳ تان عزيز يادن جو،
گذرندو روز جو قافلو آهي.

اسان ننڊ مان پاڻ جاڳيا ڪٿي هُون؟
نڪو ولولو جوش ساڳيا ڪٿي هُون؟

ڪڙھ ڪي لتاڙي وڃن مال ڪاھيو،
عُقابي نظر وارا پاڳيا ڪٿي هُون؟

سَمڪ جي ڏَنوَڻ ساڻ جذبا تپايون،
اُھي آڳڙيا ۽ سي آڳيا ڪٿي هُون؟

مڃيم ڪوڙ خود ٿا اُجالا اُڏاريون،
مگر ڪو ٻُڏائي اُجاڳيا ڪٿي هُون؟

اجا آ انڌيري ۾ بر ٿر ۽ ڪاچو،
سُجاڳي اچي ڪيئن اوجاڳيا ڪٿي هُون؟

ٻَڌِي جِي اُٽيون تند پختي عزيز،
مُحبت جا مظبوط ڏاڳا ڪٿي هُون؟

•اُجاڳڻ يا اُجاڳڻ معنيٰ چمڪڻ، چلڪڻ، ڪامياب ٿيڻ
• آڳيا معنيٰ آڳ وارا، اڳ ڪيندڙ خبروار


www.sindhsalamat.com

رات جو پويون پهرِ ۽ دل.
سُج سمورو شهر ۽ دل.

ساروڻين جون سرد هَوائون،
تنهائي جو زهر ۽ دل.

امن جي اڄ ۾ روز لُڇن ٿا،
ڪاچو ڪچو بر ٿر ۽ دل.

ڳل ڳراٽيون رڳ رڳ چيرُون،
رقص ۾ هر منظر ۽ دل.

ٻانهن سيراندي جهوليءَ ۾ ٿُون،
چپڙن جي چُرپُر ۽ دل.

تنهنجي عزيز هُڳاءُ ۾ گهيريل،
منهنجو من مندر ۽ دل.


www.sindhsalamat.com

ياد ريشم کان ريشمي تنهنجي.
ڪاٿ دل کي هٽي گمي تنهنجي.

ڪيترو ڏور تون هجين ليڪن،
ساڻ مون سان خوشي غمي تنهنجي.

هار ٻانهون ڪري بدن تو هو ڇهيو،
اڄ بہ احساس ۾ نمي تنهنجي.

شاعري ۾ مٺاڻ اوتيو آ،
لار ماکي مٺي مٺي تنهنجي.

جي نہ سگهندس عزيز تو بن مان،
ديد ۾ ديد لازمي تنهنجي.



تنهنجي وجود جي خوشبوءِ منهنجي ساهن ۾.
تنهنجو پيارآ پويَل پياري دل جي ڏاڳن ۾.

مان تہ ڏڄان ٿو لوڪ لَڪا کان هر لمحي،
بي ڏپ ٿي تون مونکي ٻکين ٿي ٻانهن ۾.

مان نہ پُنهون، ميهار ڪٿي هان مان جاني،
پر ٿُون سهڻي روز سَسَئيءَ جي راهن ۾.

پيار جي گُل جي خوشبوءِ پنهنجي آهہ الڳ،
عشق جي مُشڪ جي بُوءِ ڪٿي آ بهارن ۾.

جذبا جُهومي ڪنوٽين وانگي خُوب کِلن ٿا،
جنهن پل سڄڻي پاڻ ملون ٿا تارن ۾.

ڇَپ ڇُمي ٿو نيڻ ڇُمانءِ جنهن پل مان،
تنهن پل هر هڪ منظر آهي خُمارن ۾.

سِيپارن سان پيٽ اکين جي نا ڪافي،
اکڙين جي آ پؤترتا ڄڻ سيپارن ۾.

گهاءُ عزيز وساري ٿهڪون مهڪون سڀ،
فرق ڪيون ڪجهہ خوشين ۽ اوسارن ۾.

هيڪل جيئڙو پُل ۾ مان،
وهندڙ سنڌُوءَ جَل ۾ مان.

ياد ۾ جذبا دار تي لٽڪيَل،
درد ۾ دِل جا ٻُل ۾ مان.

تنهنجي پيار جي واس ۾ واسيل،
اِحساسن جا گُل ۾ مان.

اڄ ٻه رهُون ٿا اوسيئڙي ۾،
عشق اَجهل جا پَل ۾ مان.

روز عزيز جا پار پُڇُون ٿا،
اکڙين جا بادل ۾ مان.



زندگي ماڻ جا عزيز ملي.
هَڙِ يا هاڻِ جا عزيز ملي.

درد جي کير ۾ ملائي ڇڏ تون،
سُکَّ جي سِباڻ جا عزيز ملي.

هُن جو جوڀن گُلن جي ڪيت جيان،
سُرڪ سُرهاڻ جا عزيز ملي.

ماتمي گيت کي ٻَڌي گنگهرُو،
تند نئين تاڻ جا عزيز ملي.

غم ۾ توکان ٻه وڌ غني هوندا،
جيءُ خوشي ساڻ جا عزيز ملي.

سونهن ساگر جي ڇلڪندڙ ڇولين مان،
مِرڪَ مهراڻ جا عزيز ملي.

من اُداسين جي سرد موسم ۾
قُرب ڪوساڻ جا عزيز ملي.

---

(هڙ يا هاڻِ = گهٽي يا گهٽ، هاڻِ = اڻ لکي، مِرڪ = ٿورِي، مهراڻ = گهٽِي)

ياد تنهنجي ٻه چاتڙي آهي.
دل جُهريل ڪا جُهوپڙي آهي.

تو سِوا موسمون ٻه زخمي هِن،
درد ياڪُر ۾ هر گهڙي آهي.

تون نه آهين ته چنڊ لڳندو آ،
جسم اُپ جي ۾ رَت ڳَڙي آهي.

زندگي جا ٻه، جيتري ٻه ملي،
گيت سان جيت سان جَڙي آهي.

ڏپ اَچاتو عزيز دنيا جو،
توڏي هر وِڪّ ٿاٻڙي آهي.

.


www.sindhsalamat.com

سوچ ۾ گُم سُم گهر هوندس.
تڏهن ٻه ڪاچي ٿر هوندس.

درد جي شدت جي گهيري ۾،
جڏهن ٻه تڙپيس ڏَرُ هوندس.

جو ٻه امن جي ڪاڻ اُڏاٽو،
اُنهيءَ پکيءَ جو پَر هوندس.

ليڪ ته چا مان ٿُبڪو ناهيان،
جي هوندس شعر ۾ ٿَرُ هوندس.

شعرجي جنهن ٻه اُهمڪ ماپِي،
اڻ ڪٿ اونهو جر هوندس.

سنڌ جي نقشي کي مَت چيڙين،
لڱ لڱ لونءِ لونءِ ڄَر هوندس.

عشق عزيز جڏهن پي اُلريو،
پهتو تنهنجي در هوندس.


www.sindhsalamat.com

عشق چِپ ٿي مٿان ٻَڌو هوندو.
حوصلو پاڻ سان گڏ ڏِٺو هوندو.

جو ٻہ سُقراط ٿيو زماني ۾،
گهاءُ جِيون ۾ اُن سَٺو هوندو.

درد ڪيڏو ٿڏو ٻُڏائيندو سو،
باھ جو جنھن ڏٺو ٻَٺو هوندو.

پاڻ ماڻهو جڏهن چڱو آهي،
لوڪ ۾ِي پوءِ سچو سُٺو هوندو.

موڪلايو عزيز ڪان تو جڏهين،
درد بادل جِيان وُٺو هوندو.



ماڻهو حَسِينَ آهن.
جذبا مَشِينَ آهن.

تِيلِي ڏين ٿا دل کي،
جي دل نَشِينَ آهن.

ڏُک جو تَپي پِلي سِج،
سوچُون زمِينَ آهن.

تو ڙِي ڇُهِي ٻڌايا،
جذبا رنگِينَ آهن.

جن وٽ مُنافقي آ،
ڪنهن جا ٻہ ڪِينَ آهن.

ملندا عزيز دل کي،
دوکا سنگِين آهن.

سوچ ٿي جي اَجهل نَدِي ويندي،
زندگي پوءِ صديون پِي ويندي،

سنڌ جا ڳوٺ جي ڏِئا ٻڻجي پيا،
چوطرف پوءِ روشني ٿي ويندي،

جي وِڪامي وَيُس گرنهہ سٽيي تي،
سنڌ جي وارثي اَوَسُ هلي ويندي،

ذات ۽ پات جِي، جي جَڙُ اُکڙي پئي،
قوم وٽ جيت خود پُڄِي ويندي،

سوچ هڪڙِي ويهہ واٽُون هِن،
سگهہ ڪيئن نہ ٿُتِي ڪُٽِي ويندي؟

ٿي سگهي جو عزيز توکان ڪر،
پاڻ تاريخ ئي سَچِي لِکِي ويندي،



وسيا مينهڙا وفائن جا.
ٿڙي پيا گُل ميلاپن جا.

خزان دردن جي گهيري ٿي،
تہ وکرن پن خُوابن جا.

اسان جو درد گهر پاتي،
اسان پيارا عذابن جا.

ڪڙيا گُل پيار جِي مند ۾،
جذبن جي گُلابن جا.

هي چاهت فرق چا چاڙي،
زمين ۽ آسمانن جا.

سچائي درد ميڙي ٿي،
ڏُکي دل جي ڪنارن جا.

ملين جنهن پل عزيز سان تون،
ٿا مهڪن رنگ فضائن جا.

ڏورئون تنهنجو اشارو چمڪيو.
منهنجو شوق اُجارو چمڪيو.

نينهن جي چٽڳ دکي پڙڪي تہ،
منهنجي من جو انڌارو چمڪيو.

عشق سمنڊ ۾ سارون لهرون،
اتلي آس ڪنارو چمڪيو.

اپ ۾ چنڊ ۽ پر ۾ تون آن،
هر هڪ خوب نظارو چمڪيو.

مينهن ۾ منهنجي ڳلن تي تنهنجين،
چمين جو وسڪارو چمڪيو.

سونهن ۽ موهت فطري سنگم،
سونهن سبب جڳ سارو چمڪيو.

جنهن پاسي تون مرڪي گذرين،
تنهن پاسي هر چارو چمڪيو.

هيرعزيز چپن مان پيئڻ جي،
رُوح لُڇي هانيارو چمڪيو.



حالتن جي اڳيان جُهڪِي نہ سگهيو.
حوصلو ڪير تہ لُڏي نہ سگهيو.

بغض جي لشڪرن تہ چاهہ ڏني،
ڏانءُ درياهہ هو رُڪِي نہ سگهيو.

مڻ مِٽِيءَ جا وجهي لَٽي بہ چڏيوس،
هيرو هرگز ڪڏهن لِڪِي نہ سگهيو.

ڪنپ ساره جا وجهي اُڏاريَوَ تہ سهي،
ڦٽڙيو ڏاڍو مگر اُڏي نہ سگهيو.

دوستي دان ۾ پلا چا ڏيندي،
نانءُ اتهاس جي لکي نہ سگهيو.

هُو تہ ڊوڙيو گهڻو ئي تيز عزيز،
ڏُور منزل هُئي پُڄي نہ سگهيو.

عشق تنهنجو عُقاب آ پياري.
وِچ جهڙو شباب آ پياري.

نيڻ سنڌُو جيان هٽن چوليون،
باک وانگر حجاب آ پياري.

ورق ڇهري جا مان پڙهيو ٿو پڙهان،
آسماني ڪتاب آ پياري.

درد پنهنجا ڏئي خوشيون ڪڻ تون،
توسان ڪهڙو حساب آ پياري.

دم تي ويسهه عزيز ڪونهي ڪو،
زندگي جڻ تہ خواب آ پياري،



ڪِٿ شهر زندگي.
ڪِٿ آ بَر زندگي.

ماٺ ڇپي ۾ بحر،
ڪارگر زندگي.

ڪاڇي ٿر ۾ ڏُکر،
دربدر زندگي.

مُرڪ آ ڪائنات،
۽ نظر زندگي.

جي گَڙِي تہ بہ مِٺِي،
خوب تر زندگي.

موت کي مات ڏِئي،
ٿِي اَمَر زندگي.

بي حِسي ۾ لِڱَل،
بي قدر زندگي.

پاڪرن ۾ عزيز
پُر سِحر زندگي.

سدائين ڪاڇي ٿر واسي  وطن ۾ بي وطن آهن.
دفن ٿي ويون فضائن ۾ صدائون بي ڪفن آهن.

ٿي مَچَر گندگي ڍورو رُنا ڪانئس سڪيا ڏينهڙا،
اُلا ٿر ۾ ڦَڪيا اُڄ جاترائُن ٽَل پِٽُن آهن.

هلي دل بي حِسي جي ئي مُقامن ۾ دعا گهرجي،
مفادن جي ڪفن ۾ جِت سيئي رشتا  دفن آهن.

ڪُڪُون ٻَئي ٻَس ٿريليءَ جون ٿڃن ۾ ٿيڄ ڦُڙِي ناهي،
ڇَڳڙ ڏئي ٻارڙي خالي جيئڻ جا ڪيا جَتن آهن.

خدا دستُور جوڙيو يا زمانو اوچو نيچو آ؟
ڦَڪن ڪي ٻاهه ٻُک جي ٿا ڪي عيشن ۾ مَگن  آهن.

عوام ۽ قوم جي دعوي ڪندا سارا عزيز آهن،
مگر ذاتي مفادن جي غلامي جا سي بَن آهن.


www.sindhsalamat.com

گُونگن جي شهر تَر ۾ ٻئي چَپَ سِبي ڇڏيم.
ٻُوٿي اکين ڳَنن ۾ ڪپّهه وجهي ڇڏيم.

هوڪا ڏنم تہ مون کان محبت مَٽين وَٺو،
ڪنهن نہ وتي تہ واپس دل ۾ رکي ڇڏيم.

هٽندو آ هام هرڪو سَهنجن ۾ ساٿ جي،
اَهنجن ۾ ڪم اچي ڪو سمجِهي سِڪي ڇڏيم.

برباد نيڪيُن تي جي وقت پَئي رُنو،
مُرڪي پئي وقت جا ڳوڙها اُگهي ڇڏيم.

مقدر جي راند آهي يا پيل حالتن جي،
چالئہ ڏجن مياروُن خود کي چئي ڇڏيم.

لڇ پُڇ سَمُنڊ جهڙي آواز اُپ چُهيو،
ڄَرڪِي عزيز ڄِيپ کي تالو ڏئي ڇڏيم.


www.sindhsalamat.com

سار ستائي ٿي،
روڳ وڌائي ٿي.

واس ڪٽي تنهنجو،
هِير پُڄائي ٿي.

ياد ٻَڌي چيرُون،
روز نچائي ٿي.

سوڳ وِسوڳِي مُند،
نيڻ پِڄائي ٿي.

ننڊ وئي توسان،
رات لُڇائي ٿي.

ميڻ ٻتي ڏک جي،
جوت جڳائي ٿي.

لوڪ ميار عزيز،
رُوح رنجائي ٿي.


www.sindhsalamat.com

پيار تنهنجو جي پرين گهٽجي وڃي.
دل دُکي ڦٽڪي ڦِسي ڦَٽجي وڃي.

چيڙ نہ هرگز رُسڻ جي ڳالهہ ڪڍهن،
ڌڙڪنن جو ٿو رڌم رُڪجي وڃي.

زندگيءَ ۾ ماڻهو ماڪي ٿا ملن،
وقت سان گڏ ٿي روش مَٽجي وڃي.

خوبين جا مڻ ڏسي ڪوئي نہ ٿو،
خامي اڌ تي ٿي نظر پئجي وڃي.

ٻانهون مالهائون ڪري ڀاڪِي تہ وِجهہ،
رُوح جي جيئڻ پياس ڪجهہ گهٽ ٿي وڃي.

حوصلا ديواربڻجي اپ چُمن،
جسم خاڪي نيٺ ٿو جَهٽجي وڃي.

آزمائش جي گهڙيءَ ۾ دوستي،
لوهہ وانگر ٿي سَڄِي ڳَٽجي وڃي.

چَپَ ٿي پؤنرا گُل ڳلن جا ٿا چُهن،
ساهہ ۾ سُرهاڻ ٿي ڀَرجِي وڃي.

حالتن جا اُڪربا صحرا عزيز،
ٿَڪ نہ پيجبو لوڙهہ پل لَٽجي وڃي.


www.sindhsalamat.com

کاوڙ ٿُهنجي سِگرِي آهي.
پرچڻ وسندڙ ڳَڪرِي آهي.

دِل جي ڳِهٽين ۾ سرد هوائون،
مُحبت گورک ٿَڪري آهي .

جذبا چڙجي اُجرا ٿين ٿا،
عشق بہ اُڪرِي مُهرِي آهي.

ڪندر بٽجي ويون ديوارُون،
دل ڄڻ اُجڙيل نگرِي آهي.

پِيش جِيان اِحساس ڪُٿي ٿو
درد بہ ڄڻ تہ مُڳرِي آهي.

درد ۾ ڏُڪندڙ هيءُ دل، جاني،
ڪانڌيرن جي ٻُگرِي آهي.

دل جو ديس عزيز ستابو
پيار بہ فاتح نفرِي آهي.



وچوڙو ونگ آ سانئڻ.
وڇُون جو ڏنگ آ سانئڻ.

ڏکن ۾ ٿهڪُون مُرڪُون ٿا،
جيئڻ جو ڍنگ آ سانئڻ.

جهٽيو تنهنجي ڳلن جوئي،
شفق پڻ رنگ آ سانئڻ.

هوا ۾ ڪٽڪ جو لُڏندڙ
سُنهري سنگ آ سانئڻ.

عزيز آچيندو سُرهاٽون،
تنهنجو انگ آ سائڻ.

پاڻ وچڙياسي سو عجيب نہ هو.
گهڻگهرو پيار جو نقيب نہ هو.

واءُ تنهائي جو گهليو جڏهين،
درد ۾ ڪوئي ٻي قريب نہ هو.

دل جگر جان جي هُئي پُونجي،
پيار پُڪراج هو غريب نہ هو.

رڻ وِڇوڙو نہ تو نہ مون چاهيو،
مِٺو پيو تہ ملڻ نصيب نہ هو.

نظرُون دنيا سنديون ٻٽيُون خنجر،
ڪونہ هو ڪوبہ جو رقيب نہ هو.

ذڪر نڪتو جڏهن ڇڇڻ جو عزيز،
سُور ساڳيو هو بس صَلِيب نہ هو.



www.sindhsalamat.com

درد ٿو پڙڪي جَر جهڙو.
رُوح ڳَڪائين گهر جهڙو.

هڪڙو بوسو بُوند جيان،
من آ تاسو بَر جهڙو.

من جي سِپ ۾ سپنو موتي،
اُجرو سنڌُوءَ جَر جهڙو.

دشمن جي بندوق بہ ڇُهندِي،
ڳَڪُ سڄڻ جو خنجر جهڙو.

سنڌ تي ڪڇندڙ هٿ لڳي ٿو
ڪاريهر جي ڳَر جهڙو.

ڏات ڏئي جي جوت پئي جلندي،
وقت اڇي پل اوٿر جهڙو.

تنهنجو عزيز آ اوسيئڙو
دار ڪي آيل ٻر جهڙو.



www.sindhsalamat.com

پيار تنهنجي پناهہ ۾ رهجي.
محبتن جي نگاهہ ۾ رهجي.

درد حملا ڪري ٻلي هر هر،
پر نہ اُن ساڻ ٿاهہ ۾ رهجي.

اَڏُ ڪَسِي ڪُور کان بهتر،
حوصلن جي درياهہ ۾ رهجي.

جو ڪجي هر صَديءَ جي سيني ۾،
دوست! اهڙي ئِي ساهہ ۾ رهجي.

وقت جي ڪنهن يزيد کان بهتر،
حُسين ٿُهنجي ئي راهہ ۾ رهجي.

سُور ڪيڏو اجهل هُجي بہ عزيز،
سهپ ساگر اَٿاهہ ۾ رهجي.



www.sindhsalamat.com

پيار گُلشن ڪري مِلي آهي.
هير خوشبوءِ ڪٽي گُهلِي آهي.

اڄ مِلِي آن اُداس لمحن ۾،
مور جان دل ٿِڙي ٿِلِي آهي.

جنهن بہ پاڙي منجهان پرين گذرين،
واسجي ويندي هر ڳلي آهي.

نظرِيا چانو بادلن جي ڇڻ،
بيوسيءَ ۾ جُهڳي جُهڳي آهي.

مُون بخاري بلال کان ورتي،
درد ۾ هوش جي سُتي آهي.

پيار پنهنجو عزيز امرِت آ،
ڳالهہ هرهنڌ وئي هُلِي آهي.



www.sindhsalamat.com

ٺُون وَئِي آن دنيا هلِي وئِي آ.
زندگيءَ کان خوشي رُسِي وئي آ.

باهہ احساس جي لڳِي ديري کي،
دل جي ديوار هَر جَلِي وئي آ.

جِهيرُ من ۾ منافقت جا گهَرا،
دوستيءَ تان ئي دل کڄِي وئي آ.

عمر وارِي جيان هٿن مان کڏهن!
مان نہ چوندس تہ هارجِي وئي آ.

قوم ۾ وِيرِيُون وڏي ويُون آهن،
ڏارِيَن کي تڏهن وِٿِي مِلِي وئي آ.

اذيَتُن جي بَنيءَ مان گُذري ٿي،
زندگي پوءِ بہ پچي رَچِي وئي آ.

درد جِيون جِيان عزيز آهي،
درد سان دل هِرِي مِرِي وئي آ.


www.sindhsalamat.com

هل تہ دل درد سان مِلِي ڏسجي.
درد کي درد آ پُڇِي ڏسجي.

پيار ۾ کوڙ پل خوشيون ماڻيَئي،
ڪي تہ لمحا بہ مَن لُڇي ڏسجي.

باس پُوري ڪجي جُدائيءَ جي،
آڳ تنهائي ۾ نَچِي ڏسجي.

ها پُڏو ٿم تہ عشق گهاٽو آ،
آءُ هينئڙا تہ گهائجي ڏسجي.

جسم ٿُهنجو ڪٿورِي ۾ خوشبو
هير وانگي ڪٽي گُهلي ڏسجي.

لوڪ تاڪُو ۾ هُوءَ تانگهي پئي،
واءُ ۾ ئي چُمي لکي ڏسجي.

هُن چيو هو وسارجان نہ عزيز
مجنون ٿي اچ گهٽي گُهمي ڏسجي.


www.sindhsalamat.com

ڏُور پل نہ هجين دل گُهري روز ٿي.
آس من ۾ جِئي ۽ مَري روز ٿي.

ٿيون گلابي ڳلن جون هُرَن رنگتون،
ياد پوپٽ جيان پئي ڇُهي روز ٿي.

نانءُ پنهنجو اچي ديد جي ڏار سان،
دل جي ديوار تي هوءَ لکي روز ٿي.

گرم ڳُڙ جي تَتِي چاش جان، سار آ،
من تي ٽپڪي ٽِمي ۽ ڪِري روز ٿي.

ڪيرڏارا بدن ۾ ستارا چُميون،
اڪّ رنگين منظر ڏِسي روز ٿي.

رات جي سانت ۾ ساهه سهڪا ڀُرن،
ڌڙڪنن جي صدا پئي نچي روز ٿي.

مون چيو تہ دنيا باهه آهي عزيز،
هُن چيو هونئن کهڙو ٺَري روزٿي.


www.sindhsalamat.com

من ۾ پائي وئي لِئو آهي.
ياد طوفان دل ڏئو آهي.

اڄ بہ احساس ٿو جئي جڳ ۾،
ڪنهن چيو ماڻهپو مُئو آهي.

سو فنا نہ ٿيو اُصول جيوت جو.
حالتن سان جو جُڙي جِئو آهي.

وَٽِ سان ڪهڪشان جيان شيشا،
چنڊ چهرو ۽ اُپ رَئو آهي.

هت تہ منصف بہ روز پوڳي ٿو،
ڏپ ۾ ڏرتي ٿَتل ٿَئو آهي.

هُن پياريو اڪين چپن سان عزيز،
اڄ بہ نيڻن ۾ سو مَئو آهي.


www.sindhsalamat.com

سمنڊ مان تانگهڙو ناهيان.
۽ صحرا سهنجڙو ناهيان.

ڪئين ڏرتي وساريندس،
مان هرگز ٻي وڙو ناهيان.

محبت کي پَرُوڙيو پل،
مان بارش هان ڳڙو ناهيان.

شُريلو چنگ ٻيجل جو،
پڳل ڪوئي چڙو ناهيان.

ٺلهيون پيڪيُون وجهن پوري،
ها پُرڻو ڪو ڪڙو ناهيان.

عزيز جو ٻـ سمجهو پر،
ٿُوهه جان پر ڪڙو ناهيان.



www.sindhsalamat.com

وَيا جي پَلَ سي وَرِي نہ ورندا.
پڪل گهڙي کي ڳنا نہ پوندا.

دنيا جي بَستِي فنا جي ڪپ تي،
نہ ڊٻڊبا نہ گُهمنڊ هُوندا.

چِڪِي ڇُٽي ويا سي چاڪ دل جا،
مگر اُنهن جا نشان رهندا.

ڳڙو آ سچ ڄڻ زهر جو ڍُنيو،
سَهِي نہ سگهندا ڳِهِي نہ سگهندا.

چڱائِي جا ٻِجَ ڇَٽي ڇڏيون بس،
ڪڏهن نہ سوچيُون ڪنڊا ٿي ڦُٽندا.

حَياتِي جا جي مِليا ٻہ ٿي پَلَ،
سُنَهرِي ڳُذريا صديُن کي پئندا.

عزيز هستي ڌَهِي وجي پر،
اَمر عمل کي زَمانَ چُمندا.



www.sindhsalamat.com

وقت خيبر جي آ ڳَلِي وانگي.
آءُ گذريس گَجِي علي وانگي.

حُسينيت تہ اڄ بہ زنده آ،
يزيديت کوٽجي مَلِي وانگي.

ايترو دِل هِريل هَنيارِي آ،
درد پِي ٿي وڃي اُلِي وانگي.

جُتجُو لا تقنطُو کان سِوا،
زندگي بڻجي کيئن وَلِي وانگي.

هيڪلائي جي سرد موسم ۾،
ياد اُڏڙيل ٽُٽل رِلي وانگي.

ٿيس دفن ديس جي مٽي ۾ عزيز
پوءِ رَهندِي قبر ڳَلِي وانگي.



حوصلو تلوار ڪر.
همٿُون مينار ڪر.

غم اگر درياهہ ٿئي،
مُرڪندي ٿُون پار ڪر.

زندگيءَ جون اذيتُون،
ميڙي ماڪي لار ڪر.

جو بہ اڳرائي ڪري،
ٿُون وڏي پوءِ وار ڪر.

ڪو بہ تنهنجو پيل نہ ٿئي،
ٿُون حصي جو پيار ڪر.

فتح دليُون ٿي وڃن،
پيار کي هٿيار ڪر.

لڙڪ لاڙين ڇو عزيز
غم کي پڻ غمخوار ڪر.

نانءُ اتهاس ۾ اڇي ويو آ.
شخص گمنامي کان بچي ويو آ.

ليڪ وارڻ جي ڪئي زماني پر،
نالو پٿر تي جڙ لکي ويو آ.

وقت جي ڀيل ۾ سچو ماڻهو،
ڀيلجي ڀيلجي مَڇِي ويو آ.

پيار خوشبُوءِ ڪٽي وکيريندي،
امرتا هير ٿي گُهلي ويو آ.

من جي آڳر تي نرتڪِي وانگي،
نينهن مستي منجهان نچي ويو آ.

رُوح منهنجو عزيز پورالو،
سونهن توسان جَڇي رَچي ويو آ.



عشق منهنجو بٽيو جي رب آهي.
لوڪ وٺ چو غصو غضب آهي.

آءُ قبلو ڀلا ڪئين ڀلجان؟
سُونهن تارو ڇِٽو قطب آهي.

من آ جذبن سندي بُتي جنهن ۾،
ياد ڳتبي جيان نصب آهي.

کِلندي رئندي خوشي غمي ۾ ڳڻ،
قلم منهنجي جي روز نب آهي.

رُوح مايوسيُن جو ڪمرو آ،
آس تنهن ۾ ٻريل بلب آهي.

ٿا گلابي عزيز جذبا ٿين،
تومليو جي لب سان لب آهي.

حُسن تنهنجو روشني آ.
شوق منهنجو درشني آ.

جُون ۾ ويران ڪاڇو
پيار بن ڇڻ زندگي آ.

ٿهڪ تنهنجا ڇيڇ ڇيڙُن،
مرڪ تنهنجي چاندني آ.

ڏُوبڏُو جي ديد ٿي وئي،
عشق ئي ڪئي رهبري آ.

گُفتگُو ڳُڙ بات بُسري ،
قرب سانئڻ ڪِشمِشي آ.

اک ۾ اک ۽ چپ چپن تي،
سُونهن ساغر مئڪشي آ.

جڳ عزيز آ خوبصورت،
پيار جي ئي دلڪشي آ.



شعر جڏهن جهونگاريا هوندم.
تنهنجا رُوپ سنواريا هوندم.

ڀَرُ وجهي جذبن ۾ جاني،
ٿوڏي روز اُڏاريا هوندم.

ياد جي وِڄّ جڏهن ڀ ڪڙڪِي،
تنهنجا گس نهاريا هوندم.

ڳوڙهن جي درياه ۾ غم جا،
ٻيڙا پار اُڪاريا هوندم.

شعر جي آئيني ۾ عزيز،
تنهنجا عڪس اُجاريا هوندم.

عشق ڪڙڪِي ڪِريو ٻَڙي وانگي.
منهنجي رڳ رڳ وڳي چڙي وانگي.

شوق منهنجو رهيو اجارو آ،
پيار تنهنجو ٿڌي گهڙي وانگي.

مرڪ چهري تي تون سجائين ٿي،
ٿي لڳي باک اولڙي وانگي.

دل ويچوڙن جي زلزلن ۾ ٿي،
اوپرين ڪنهن قِتل دڙي وانگي.

پيار تنهنجو عزيز امرِت آ،
مُور پيانيُم نہ وِه ڪڙي وانگي.



جيون چڙ تہ بتيلو آ،
۽ وقت ندي آهي.

نيڪي ۾ جو گذري ٿو،
سو پل بہ صدي آهي.

اونده ۾ دفن ٿيندو،
جنهن من ۾ مَندِي آهي.

سچ پچ بہ جِي پوندو هان،
ذَتُ ذات ڪندي آهي.

ڏک سا ئي ٿي دل سمجهي،
جا درد وندي آهي.

جي عزيز اَڪارج آ،
جيون سو ردي آهي.

اکيون ٻئي سمنڊ جيئن آهن.
پرهه جي منڊ جيئن آهن.

نظر جون سحر انگيزيون،
اسُر جي ننڊ جيئن آهن.

اسانجون چاهتون ساريون،
سچڻ سرڪنڊ جيئن آهن.

ذهن ۾ ياد جا جهرٽا،
سنڌُوءَ ۾ چنڊ جيئن آهن.

سَنيپارُون تنهجون پڪڙي ويون،
اندر ۾ ڳنڍَ جيئن آهن.

ڏنئي جي چاه ۾ مونکي،
چُميون سپ ڪنڊ جيئن آهن.



پاڻ جڏهن کان وڇڙي وياسين.
عمر سموري اجڙي وياسين.

هر پل درد جي پن ڇڻ موسم،
پن پن ٿي من پڪڙي وياسين.

نيٽن جي ڪڻ ڪڻ ۾ سانئڻ،
پنهنجو پاڻ کان نِڪڙي وياسين.

چاه جي ڏاڱن ساه سِبيا ها،
جڳ جي سَٿِ سان اُبڙي وياسين.

ڪانڊ عزيز پُڳي تہ ڪنڊن تان،
گذري تو وٽ سَهڙي وياسين.

پنهنجي پياري مرڪ ته ڏس!
الڙ وهيءَ جي مهڪ ته ڏس!

چپ ٿي چورين ساز ڇڙن ٿا،
سُندر پنهنجا ٽهڪ ته ڏس!

تو بن سانوڻ سوڳ اکين ۾،
لڙندڙ لاڙون لُڙڪ ته ڏس!

تنهنجو وڇڙڻ باهه بدن کي،
وڏ وڇوڙو ڇهڪ ته ڏس!

جوت جو دريا آهين عزيز،
نيڻ نهار جي جهلڪ ته ڏس!



عشق سانديو سُرور پنهنجو آ.
حُسن کي پي غرور پنهنجو آ.

دل جذٻيءَ جا جو بکيا اُڏيڙي ٿو،
سوبه ماڻهو ضرور پنهنجو آ.

ڇاڏجي دل ٽُٽڻ جو ڏوراپو،
دل ڏني سين قصور پنهنجو آ.

عشق ساگر اجهل گهٽو ڏاڍو،
سِڪ ٻيڙو به جُهور پنهنجو آ.

شاعري توڙي نثر ۾ رت ست،
ءِ نچوڙيو مون نُور پنهنجو آ.

هيڪلائي عزيز وِرُ ٿي وئي،
ءِ مسيحا به ڏُور پنهنجو آ.

عشق درياهه ڪٽي ايندو هان.
توکان اُتساهه ڪٽي ايندو هان.

چٽگ تنهنجي جواني سانئڻ،
شوق گجگاهه ڪٽي ايندو هان.

روز راتين جو ٿي ملين مون سان ،
پيار اُتساهه ڪٽي ايندو هان.

تون نپائين نہ نپائين موسان،
مان تہ نيباهه ڪٽي ايندو هان.

جڳ جو هر خوف عزيز لاهي مان،
توڏي سرساهه ڪٽي ايندو هان.



عزيز تڙپي لکڻ ڇڏي ڏئي.
لکڻ سِوا ڪيئن جئڻ ڇڏي ڏئي.

ڪئين پرين کان رُسي سگهان ٿو،
پرين کي چئو تہ رُسڻ ڇڏي ڏئي.

سمورا خطرا تري سگهن ٿا،
جي قوم جاڳي سمهڻ ڇڏي ڏئي.

لُڇي لکڻ تي تپي جهليو ٿا،
سمنڊ کي روڪيو لُڇڻ ڇڏي ڏئي.

ڳلن تي ڇڳ ٿي نچي هوا ۾،
جهليوس پياري نچڻ ڇڏي ڏئي.

دفن ٿي ويندو عزيز ٿو جي،
زبان هوندي ڪُڇڻ ڇڏي ڏئي.

سار تي سُرھڻ وڪري وئي آ.
ننڊ اکين مان اُڏري وئي آ.

منهنجو چنڊ نہ ايريو چو؟
رات بہ ڪافي گذري وئي آ.

ڦُوھ جواني ٻير پڪل جيئن،
اوسيئڙي ۾ اُڪري وئي آ.

روءِ نہ ذات جي تنهنجي ڪهاڻي،
ڏيهہ سڄي ڪان وسري وئي آ.

گڏ عزيز سان توکي ڏسندي،
چانڊوڪي پڻ پَچري وئي آ.



توکي ساري ڳاٽ ڳڙي پيا
لاڙون لاڙون لڙڪ لڙي پيا.

ٿُون وڇڙينءَ تہ غم سان ناتا،
گهاٽا ۽ مضبوط جُڙي پيا.

ورھين ڪان پوءِ موسان ملينءَ تہ،
من جي اڱڻ ۾ گل ٽڙي پيا.

من اونداھي ويران کنڊر تي،
سار جا سهسين چنڊ ڪڙي پيا.

تنهنجا ٽهڪ ٻُريا تہ فضا ۾،
ڄڻ تہ مَڌُر ڪي ساز ڇڙي پيا.

تنهائي جي ڄَر ۾ عزيز جا،
جذبا پتنگن جيئن سڙي پيا.

سامهون تنهنجي ديد سدائين.
ساجن مون لئہ عيد سدائين.

شوق اُڏاميو توڏي، تنهنجي،
ڦُوهہ ڪئي تائيد سدائين.

شام گُلابي ڏاري ملون ٿا،
جرڪي پنهنجي جيت سدائين.

سج چنڊ تارن جهرٽن تنهنجي،
جوت جهٽي آ مِيت سدائين.

رنگ بدن رنگين جا آچڻ،
تنهنجي رهي آ ريت سدائين.

نيڻ عزيز چُلن جڻ ڪينجهر،
ديد لڪايا گيت سدائين.


www.sindhsalamat.com

دوستي غم ڏِئي وٺِي ڇڏجي.
ريل دل تي وهي سَهِي ڇڏجي.

لوڻ جي لپ ڪٽي جي ڪو بہ ملي،
دل جي جِهيرن تي هٿ ڏئي ڇڏجي.

مَنصبن توڙي نشو عهدن جو،
ماڻهپي ڪان پري رکِي ڇڏجي.

ڪِين خيرات ۾ ڪِل خوشي وٺجي،
ڏُک کي ٻاڪِي وجهي ڪِلِي ڇڏجي.

دل جا رستا سيئي نہ بند ڪجن،
واپسيءَ جي بہ ڪا ڳَلِي ڇڏجي.

حسرتون پوءِ ڪٽي ٻُٺِي تي اچين،
اچ تہ جيئري پرين مِلِي ڇڏجي.

جي ڀِنل نيڻ درد جا نہ اُگهي،
روڙي دنيا جِي بي حِسِي ڇڏجي.

دل جي ڪُن مان حوصلي سان عزيز،
روڳ جي واگهہ کي گَڍِي ڇڏجي.


www.sindhsalamat.com

درد چيرون ٻَڌيون تہ نَچِي زندگي.
رقص جي رڌم تي وئي مَچِي زندگي.

تو گُهريو هو پرين پل سَوا پيار ۾،
مون تہ ارپي ڇڏي آ سچي زندگي.

چَپ چپن تي نچيا لڱ لڱن سان نچيا،
ناچ چيڙي بڻي نِرتَڪِي زندگي،

درد کي حوصلن سان ڪيم لِيڙ لِيڙ،
رِيڙُون رِيڙُون ڳنڍيندي بَچِي زندگي.

هڪڙو پيرو ملي سا بہ دوزخ لڳي،
همتن ساڻ جنت بڻي زندگي.

دل ۾ سهسين تِڙيا ياد جا گل عزيز،
گهيرجي رنگتن ۾ رَچي زندگي.

# چئوٿا

وطن سان مُحبت ضمير ۾ آ.
سنڌُو جو پاڻي خمير ۾ آ.
مُئي يا جيئري اٽُوٽ رشتو
مِٽِي جي خوشبوءِ سَرير ۾ آ.

صدين کان ڳيپي کاڻ سِکيو آهيان مان،
۽ اُڄ سندي رُڄ ۾ ڏُکيو آهيان مان،
پيو کير نہ پر ٿر تَتو ڪاڇو هان عزيز_
پنهنجن ئي ڏنا گهاءُ لُڇيو آهيان مان.

سنڌ ساڻ حقن کاڻ پِڇي بيٺو هان،
ڌرتي تي رکي پير جَمِي بيٺو هان،
هٿ ظلم منهنجي راهه تان عزيز ڇيم_
هي لڱ اٿم لوهه مَچِي بيٺو هان.

جي سُونهن مان توساڻ ٻَکين هوندس،
پر سنڌ سڏيو پيرين اُپين هوندس.
ٺُون روح وطن ساهه عزيز آهي_
مان سنڌ سِوا ڪيئن ڳَکين هوندس؟



تاريخ ڪئي ڇيخ بگاڙيو ڇو ٿا؟
مرضيءَ سان حقيقت کي ڇٻاڙيو ڇو ٿا؟
مان ڪُٽب قبيلي جي نہ ڪنهن فرد جي آهيان_
مان سنڌ جو ماضي هان ڇِيهاڙيو ڇو ٿا؟

جي ڪُلفت جي بدبُوءِ ماڻهو وڪوڙي،
تہ الفت جي گل جي پَکِي پوکجان.
۽ نفرت جي ڪلراٺي ڌرتي کي کيڙي،
تون محبت جا سورج مُکي پوکجان.

تو محب پُڇيو حال ڪيئن گذري ٿي،
آوِيءَ ۾ جئين ٿانءُ تِئين گذري ٿي،
هر رات لُڇي ڏينهن پَڇي گهاريان عزيز_
فرقت ۾ بهرحال اِئين گذري ٿي.

هڪبئي کان ڪنارا گهڻو ڏُور ها،
زندگي جي ندي مان تَرِي پار پيس.
وقت فرعون هو مان نہ موسيٰ سهي،
پر قلم جي ڇَڙِي سان سُرِي پار پيس.

روشن کي ڪو اونداهہ چوي بيٺو
۽ جِهَل کي ساڃاهہ چوي بيٺو
چاڪاس ڪري نُور ڏسوس عزيز۔
گلزار کي هُو گجگاهہ چوي بيٺو.

درد ورتي دل جي بستي ۾ پناهہ
پر لڳي ٿو اُن جي ميري آ نگاهہ
جي ڪري ويساهہ گهاتي پو عزيز۔
دل دُکي جو اي خدا رهجان گواهہ.

زندگي سارِي رف منجهان گُذرِي،
درد جي روز رش منجهان گُذرِي.
حوصلن جا هشام پاڪُر ۾ عزيز۔
توڙي دل ڪشمڪش منجهان گُذرِي.

تلخ کان تلخ حالتُن کي هارايُم،
پنهنجن هٿان هار کائي وِيُس.
دُشمني شَهہ ڏَئِي سگِهي نہ ڪڏهن،
دوستي ۾ ئِي مار کائي وِيُس.



www.sindhsalamat.com

لوڪ پُهتو ڪفن ڏيڻ ڪانپوءِ،
تون نہ آئينءَ دفن ٿيڻ ڪانپوءِ،
جي اچين ها ڪيان آجيان ها عزيز۔
زندگيءِ جي مان سچ لهڻ ڪانپوءِ.

نہ جنت جون خواهشون دل ۾،
نہ جهنم جون دهشتون دل ۾،
لمحي لمحي سٿيل رهيون سچ پچ،
بس امڙ جون ئي محبتون دل ۾.

وقت هر پل ڏنگيو بلا وانگي،
حوصلو ماءُ جي دعا وانگي،
نند جو وير چڙهڻ تہ ڪاريهر۔
درد اوڙهي چڏيُم رِدا وانگي.

دردن جو ڏنو تحفو
هِن سال بہ پر سال بہ،
دردن کي ڪندي دارُون۔
ماضي بہ رهيو حال بہ.



www.sindhsalamat.com

تو چيو هو ڪڏهن غم تي نہ سوچجان،
هر جنم ۾ ڪنديس مُرڪي مان آجيان،
غم پهاڙن جيان پوءِ بہ مرڪان عزيز ـ
اوءِ منهنجي امڙ ڏَسُ ٻِيو ڇا ڪيان ؟؟

هيءُ ماءُ جهڙي عظيم هستي،
ءِ سنڌ جهڙي عظيم ڌرتي،
اٿاهہ جذبن جا گُل وڪيري ـ
ڪيم نڇاور سميت سرتي.

هر سال ٻِتي ۾ پٿرِي جهڙو،
اڪ ۾ اٽڪيل ڪُڳرِي جهڙو،
او ديس ڏُڪايل نئون سال مبارڪ ـ
چوندي پانيُم ڪَڳرِي جهڙو.

ڏاڍي ٿڌي پر ڏاڍي ڏُکي پڻ،
تون چڻ گورک ٽڪري آهين.
روز هوا جو رقص ڳلين ۾،
سونهن سُروپ جي نگري آهين.



دؤر پڙڪي مفاصلا وڌائي ٿو
درد مُرڪي حوصلا وڌائي ٿو
ڪا رڪاوٽ اڳيان اچي ٿي عزيز ـ
هوش ويتر ئي ولولا وڌائي ٿو.

سنڌ، سرتيءَ جي ساهہ ۾ رهجان
نينهن جي تون نگاهہ ۾ رهجان
مؤت مٿجي ٿو حياتي ۾ عزيز ـ
سچ جي تون پناهہ ۾ رهجان.

اِبنِ وقت ڪان پناهہ يا رب،
مفاد ۾ ٿس نگاهہ يا رب،
ڪوئي مذهب نہ دين جنهن جو ـ
لوپ ۾ سو اٿاهہ يا رب.

نہ تو چو ڄاتي هي رمز دنيا،
اجاڙ ۾ بہ زندگي آ.
غمن کي ڪُرڪِي پهاڙ ٿي چئين؟
پهاڙ ۾ پڻ زندگي آ.

قوم هڪڙي ديس هڪڙو سوچجي،
۽ ثقافت ويس هڪڙو سوچجي،
تيلو تيلو ٿي وڃون نہ ايئن عزيز —
جوڙجي ڪو بيس هڪڙو سوچجي.

دوست جي دلبري جهٽي وڃجي،
پر ڪو آڳر ڪٽي ڪٽي وڃجي،
جو مُڙيو سو عزيز گيدِي آ۔
جا بڪي ڇپ سا پٽي وڃجي.

زندگي ۾ عذاب ملندا هِن،
پر بُٽيءَ تي گلاب ملندا هِن،
ڪهڙو دستور آ دنيا جو عزيز۔
موت کان پوءِ خطاب ملندا هِن.

تعزيتي ميڙ اڄ سڏايو پيا،
پارها ورسيون ملهايو پيا،
زندگي پر عذاب مان گذريو۔
قبر کي خوبتر سجايو پيا.



روز مونکي جي نفرتون ڏيندين،
موٽ ۾ توکي مان محبتون ڏيندس،
تون ڳلِيُن ۾ عزيز پل ڳلُوڙا وجهہ۔
مان تہ توکي پيو امرتون ڏيندس.

ڏک کٽي ڳرُ ڇيو پُرِي پوندين،
روز مون سان لَڙِي مَري پوندين،
مُون ڇيو تون جبل سان ٿو ٽڪر جين عزيز۔
پاڻ هي تون ٽُٽي جُهري پوندين.

ڪنوڻ هو ٻانهُن جو گهيرو وِڄُ نيڻن جي نهار،
ساوڻيءَ جون بارشُون هو پيار پنهنجو بيقرار،
رُوح ۾ اوتيون رنگينيون تو ملي ٿي روز روز۔
تون نہ آهين اڄ بہ تنهنجو انڊلٽي آ انتظار.

❋❋❋

# ترائيل

هر سُهاڻي شام تنهنجي مهڪ آ،
ڳل شفق ۾ ٻئي رنڱيل سج وانگيان!
چاندني جي ورڪا تنهنجي مُرڪ آ،
هر سُهاڻي شام تنهنجي مهڪ آ،
۽ جواني سنڌ نديءَ جي وهڪ آ،
جي اچين ٿي مان ڪيان ٿو آجيان!
هر سُهاڻي شام تنهنجي مهڪ آ،
ڳل شفق ۾ ٻئي رنڱيل سج وانگيان.!

ڳاج ڪپ تي ڄڻ صدين کان انتظار،
هيٺ جر ۾ چنڊ تنهنجو عڪس آ!
چاندني ۾ ڪيرٿر ڄڻ آبشار،
ڳاج ڪپ تي ڄڻ صدين کان انتظار،
هِير ناچُو ساز ڇيڙيو آ بهار،
۽ جوانيءَ جو رڳن ۾ رقص آ!
ڳاج ڪپ تي ڄڻ صدين کان انتظار،
هيٺ جر ۾ چنڊ تنهنجو عڪس آ!


www.sindhsalamat.com

محبتُن جي ٿي اچي ورڪا ڪرين،
زندگي توکي مِٺي ارپي ڇڏيم!
مون ڏي ايندي خُون سپ ڪٿڪا ڪرين،
محبتُن جي ٿي اچي ورڪا ڪرين،
سُرها جوڀن سان ڇُهي جذبا ڪرين،
شعر تنهنجي سُونهن تي سرجي ڇڏيم!
محبتُن جي ٿي اچي ورڪا ڪرين،
زندگي توکي مِٺي ارپي ڇڏيم!

شفق جو ڍڪيو ياد کهنبو پرين،
جُهڪِي ڪيرٿر کي ڏني سج چُمِي!
گلابي بدن کي هو ڇُهبو پرين،
شفق جو ڍڪيو ياد کهنبو پرين،
اچي روز توسان هو ملبو پرين،
ڳلن کي چپن جي ڏِٻي هُئي نَمِي!
شفق جو ڍڪيو ياد کهنبو پرين،
جُهڪِي ڪيرٿر کي ڏني سج چُمِي!.


www.sindhsalamat.com

سُونهن مُون ۾ ساهہ اوتي ٿي چڏي،
پل چئو هان فطرتن عاشق مزاج!
مُرڪ مهڪِي رُوح ڦُوڪي ٿي چڏي،
سُونهن مُون ۾ ساهہ اوتي ٿي چڏي،
ديد وڻندڙ راهہ روڪي ٿي چڏي،
تون پلي الزام ڏر روڳي سماج!
سُونهن مُون ۾ ساهہ اوتي ٿي چڏي،
پل چئو هان فطرتن عاشق مزاج!

هيل پي اڄ شام گورڪ تي مِٽي گڏ گهاريون،
جنهن گهڙي گورڪ کي سورج روز جُهڪندي ٿو ڇُهي!
تنهن گهڙي ٻئي جذبا ڇيڙي گيت گڏ جهونگاريون،
هيل پي اڄ شام گورڪ تي مِٽي گڏ گهاريون،
آءٌ نئين سر گاج جر سان نينهن کي اوجاريون،
تون نہ آهين رُوح ۾ راڪاس يادن جو گُهمي!
هيل پي اڄ شام گورڪ تي مِٽي گڏ گهاريون،
جنهن گهڙي گورڪ کي سورج روز جُهڪندي ٿو ڇُهي.!


www.sindhsalamat.com

رَوِش دهشت گرد ٿُنهنجِي جڻ يزيد آ،
پاڻ هر پل پيروي ڪئي حُسين جي!
سَمنڊ لُڙڪن جو ٻڻيل هر ڪا ديد آ،
رَوِش دهشت گرد ٿُنهنجِي جڻ يزيد آ،
ماڻهپي کي درد گهيري ويو شديد آ،
جذبو جذبو ٿي ويو هر هنڌ شهيد آ،
امن جي زوري گُهٽي تو سينَ آ،
رَوِش دهشت گرد ٿُنهنجِي يزيد آ،
اسان سدائين پيروي ڪئي حُسين جي.!

ٿر ۾ ٿوڙيو دم ڪندي ڪِنجهڪار ٻار،
اُپ ڏلهڪيو سُڏڪِي پيئي ڪائنات!
مامتا جا ٿي ويا جگر جيرا تار تار،
ٿر ۾ ٿوڙيو دم ڪندي ڪِنجهڪار ٻار،
لڇندي ڪارونجهر ڪيڏيا ٿي روئي پار،
تو ٿنولي ڪئي تہ پيا دل من ۾ گهات!
ٿر ۾ ٿوڙيو دم ڪندي ڪِنجهڪار ٻار،
اُپ ڏلهڪيو سُڏڪِي پيئي ڪائنات!

***


www.sindhsalamat.com

# هائيڪا

سنڌُوءَ جو ڪِنارو هو
پر پيار اَجهل پنهنجو،
ڪيڏو نه اُجارو هو.

نه تاس گهٽي دل جي
مهراڻ بڻي محبت،
نه پياس ڪٽي پل جي.

لهرُن جو نظارو هو
ٻئي پاسي وري گهيريل،
ٻانهُن جو سهارو هو.

تنهنجي ڳل تي تِرُ
ٻُڌل تير ڪمانُ ۾،
دل ۾ ڪري ويو وِرُ.

تر ۾ آهه ڏُڪار،
دوزخ ۾ هر زندگي،
ڪو ته لهي ڪا سار.



سارو تر اُماس
پِٽِ ڪي پِٽِ پِٽڪِي چيو،
ڪهل ڪِٿي آ قياس؟

هر هڪ آس نراس
ڪارُونجهر سُڏڪِي چيو،
مؤت پَلِيو راڪاس.

جِيون آهه لِئو
جيئندو وت تاريخ ۾،
ٻاري ڏات ڏِئو.

سُڏڪيو اڄ پِپي سوڳ
تُنهنجي ياد اُتامري،
روڳ نه سمجهيُم روڳ.

پرت پريندي،
ڇُپيَئي سُئي هٿّ ۾،
مون ڏي تَڪيندي.

جيئن ٿو هٿ جھليوم،
نرم پڪوڙيم آڱريون۔
ڪيڏو چَين مليوم.

اڄ بہ ڏُکي ٿو درد،
تو هُئي پاتي ڇُهنبڙي۔
آھ پريندي سرد.

تنھنجا ڳاڙھا ڳل
لوھيڙي جي ٽار ۾۔
مهڪن جڻ ٽا گُل.

لُڙندي لُوسڻ گاھ
ناري نهاري اوچتو۔
ڪيڏو ڪاڏو ٿاھ.

نہ ٿو ڏَهڪئي هانءُ
هر هر پيچي اک ٿي۔
ويھي مليندي ٿانءُ.



گوري صبح سوير
اٿو ڳوهي ٿالھ ۾۔
ڇاتي پاتس ڇير.

پوتي لوڏي پلاند
بيهي ڪنڌيءَ ڇانوَ ۾۔
ڏئي ٿي بيٺي ڇاند.

ٻيڙي منڇر منجھ
ڏينھن تتي جو سانوري۔
ويٺي هلائي ونجھ.

اوچڻ بن آ رات
سرد مهينو جنوري۔
مٿان وُٺي پرسات.

هيل بہ تو ۾ هاج
سارِن توکي سانوٽي۔
گورک ڪارو گاج.

گرمي گُهٽ ٻُوساٽ
آگسٽ مهينو اُبڀ ۾.
مڇرن جا زُوڪاٽ.

وڻ ٽڻ ڪيڏي اُجار
ڪوسو ڪاڇو پيو ٽَرِي.
سانوڻ لڏي سار.

گاج مَڏُر آ گُونج
جڻ تہ سنجهي ويل جو.
ڪُرلائي پئي ڪُونج.

هُو ڪَهُوءَ جو ڏار
چيٽ جي چمڪي چاندني.
جڻ ڪو آبشار.

گهر تر ٿارچر سيل
موٽي آئي سانوٽي.
پرين نہ موٽئين هيل.



www.sindhsalamat.com

مان پيي هان توساڻ.
جوٽي جنگ جوان تون.
مُور نہ مجحانءِ هار.

اُڪڙيون امن جَڙون
اقتداري ڊونڊ تي —
ٻُجُهون ڪوڙ مِڙيون.

ماڻهو موت جو ڪاڄ
منهنجي دلبر ديس تي.
دهشت جو آ راڄ.

منهنجو ساهہ سڙي
پونءِ جي گولي تي جڏهن.
ڪائي جنگ چِڙي.

لُڇيو آسمان
دهشتگرد زمين تي.
روز ڳِهي انسان.



www.sindhsalamat.com

خواب خوشيون خاڪ
ددهشتگردي ۾ لُڇي-
مورڙئي جو ٿاڪ.

لت پت رت ۾ لاش
ڏرتي وئي آهي ڏُڏي-
لرزي ٿو آڪاش.

پڙڪِي بم جي باھ
انسانيت جو خوف ڪان-
مُٺ ۾ ٿي ويو ساھ.

شال نسل ڪَريس
انسانيت جي تڙپ تي-
ڪين ٿو ڪهل اَچيس.

توکي ديدُ تَڪي،
سمنڊ ڪناري ياد ٿي-
مُنهنجو هانءُ ڇِڪي.



آهين اڄ اوجهل،
سمنڊ تڪينيدي ياد پيو-
تنهنجو پيار اَجهل.

توسان گهاريل پَل،
سمنڊ ڏيندو شاهدي-
مون لئہ اڄ بہ اَمُل.

جيسين نيڻ نهار،
اڄ بہ لهرن مان اچي-
يادن جي مهڪار.

يادُون اوهيرا
سمنڊ ڪناري ٿهلندي،
دردن جا گهيرا.

لهر لهر ۾ سار،
سمنڊ جيان آ ڇُلڪندڙ-
اڄ بہ توسان پيار.

ساگر جيڏو سوڳ،
لهرن وانگر ڏڙڪنُون-
رُوح تي ٻوڙي روڳ.

اندر منجهه اُڪنڊ،
لڙڪ ڇُلڪيا لهر تي –
ٻٽيا نيڻ سمنڊ.

ماٺيو ناهه مُدام،
ٿيندي رهندي ابد تئين-
هُو اُفق هيءُ شام.

المنظر هيڪل
ياد ڏياري تو مِٺي-
توسان ڪيل ڪيچل.

ڪاچوءِ ڪچو
هيل وُٺا هِن مند تي-
ڏڪر ويو ڏچو.

❊❊❊

# آزاد نظم

## زندگي بندگي

او زندگي!
تون جتي بہ ملينءَ،
منهنجي مونکي لڳينءَ،
مندرن، مسجدن ۾ ملينءَ،
جُهريل جُهوپڙين ۾،
ٻُک ڦڪيندي ملينءَ،
توکي آرڙهه ۾ ڳهندي ڏنم ڳاهه ۾،
تون مِلُن ۾ ملينءَ ٻرندي باهه ۾،
ڏرتتيءَ جو،
مال چاريندي پيرين اُگهاڙي ملينءَ،
هوٽلن، سرڳسن،
۽ فوٽ پاٿ تي،
ناچڻيءَ جي ملينءَ ڇير ۾،
جيڪا ڦٿڪِي پئي پير ۾،
ڪٿ تہ پيپڪِين پير ۾،
توکي جت بہ ڏٺم،
اڪثريت ۾ تون ڦاٿل،
جئدان وارين مجبورين
جي ڊگهي ڄار ۾،
سسڪندڙ سُڏڪندڙ
تڇڪندڙ پڇرندڙ
ٻُک جي آڳ ۾!!
مان لُڇان راڳ ۾!!
شعر منهنجو سچِيءَ جي ڳيو ٿي پوي!
ها اجهو ۽ لٿو ٿي پوي!
خوش ٿي وڃي جي اَگهِي زندگي،
پوءِ ٿي وڃي
زندگي بندگي!
بندگي زندگي!



## ڏُک

من ڇيم،
زندگيءَ جي پيچرن،
تي اگر،
رَمندي ڪڏهن،
محبتن جي بارگاهن ۾ لڙي،
جي ٿو گهارڻ گُهرين!
محبتن کي سَهيڙ،
سُونهن سرگم اڳيان،
ڏات سُرندو ڪري،
شعر شعلا ڪي ڇيڙ،
ڏانءُ پنهنجي ڪي ڪيڙ!!
شاعريءَ کي بقا جو بتيلو ڪري،
خيال موتي ڪي ميڙ!!
ڏک اهو آ ائين مان ڪري نہ سگهيس!!
شعر اهڙو ڪڏهن ڪِين سرجي سگهيس!!

## وساريان ڪِئين؟

هُو "ريجنٽ پلازه" جو رنگين ڪمرو،
ڪا رنگِين وادي! ٽڙيا گُل هزار،
هُيون پوپٽي نرم جذبن اُڏارُون،
۽ احساس ايئن ڄڻ تہ، ماڪيءَ جون لاڙُون
تنهنجي ڦُوهہ جوڀن،جي رنگِينيُن ۾،
گُذاريل گهڙيُون،
سي مِصريءَ تڙُون،
وساريان ڪئين؟؟
اکيُون انگ انگ جا،نظارا گهُميُون،
حُسن جي سمُنڊ جا ڪِنارا گهُميُون،
هو آڪاس ڇهرو،سِتارا چُميُون
اُجايل چَپن جي، ڏُکِي ڊوڙِي ڳَڪرِيُن
تنهنجيءَ، جوانيءَ جون ٽڪِريون ڇُهيُون
ڪِڙِي پاڪُرن جُون،ڪتيُون ڪهڪشائُون جرڪِي لڙِيُون
سي مِصريءَ تڙُون!!
وساريان ڪئين؟؟
پلي هاڻ مُون سان ملين نہ ملين تُون،
اڃي عشق جي تو جا سُرهاڻ آڇِي،
هُڳائُن ۾ رهندي، سمُوري حياتي!
تو زنجيرُون خوشبُوءَ جُون، اهڙيُون اندر ۾،پکيڙيُون،
جڪيڙيُون،
۽ ويهي وِڪوڙيُون،
ٽُٽَڻ جُون نہ آهن،ڪُٽڻ جُون نہ آهن،
،سڄي زندگيءَ سي، نہ ڳَتيُون ڪڙيُون!
سي مِصريءَ تڙُون!!
وساريان ڪِئين؟؟
وساريان ڪِئين؟



www.sindhsalamat.com

## او ! پيارا پرين!!

او! پيارا پرين!
پنهنجي چپن جي،
گلابن تي،
ڳل، اکين جي موتين تي،
منهنجي چپن جي پوپٽ کي،
ويهڻ تہ ڏي،
منهنجي احساسن ۾ ڪِلندي،
پنهنجي ساري رنگيني کي،
منهنجي وجُود ۾ لهڻ تہ ڏي!
او! پيارا پرين!!
تنهنجي ڪايا ڄڻ تہ ڳَترڻ،
تنهنجا وار پِنل ڄڻ سُرهڻ،
چنڊڪو ڏين تہ خوشبُوءِ وکري،
وکريل خوشبُوءِ
وٺڻ تہ ڏي،
تو وٽ جيون جوت جَجهِي،
انڌلٺ جي آ اوت جَجهِي،
پنهنجي جوت جهٽڻ تہ ڏي!
او! پيارا پرين!!
ماکيءَ ٽيپو تنهنجي مِٺي ڄڻ،
ٽيپو ٽيپو گور نَدِي ڄڻ،
ماکي مِٺيءَ کي،
ٿِمڻ تہ ڏي،
تو وٽ آهہ مٺاس گهٽي،
مون وٽ آهي پياس گهٽي،
تن جي تاس اُجهڻ تہ ڏي!!
او! پيارا پرين!!
او! پيارا پرين!!



www.sindhsalamat.com

## منھنجي ڌرتي

منھنجي ڌرتي!
منھنجي سرتي!
تنھنجي محبت،
ريشم ڪِئين جان،
دل جي سيني تَھہ خانن ۾،
رُوح جي سارِيُن ديوارن تي،
جنهن ريشم سان پيار اُٽيو آ،
دل جي ڌاڳن ساڻ جَڙيو آ،
تِنھن ريشم جا سي سپ ڌاڳا،
سارِي حياتي،
ٽُٽُا ناهن،
ڇڄڻا ناهن،
او! ڌرتي!
او! سرتي!



www.sindhsalamat.com

## مان نہ هوندس

پرھ ڦُٽندي ۽ اُفق سان،
رات جي ڪاراڻ پيئي ڌوپبي،
سجّ اُپري،
زندگيءَ جو روز پيو اهجاڻ بڻبو،
سرديو گرميون ۽ بهارُون پڻ ڇَٽون،
پيون بدلبيون،
ساوڻين جي،
بارشن ۾ اندلٺي رنگ پيا نکرندا!!
پر مان نہ هُندس!
ڳوٺ ڳليون وستيون واهڻ،
جهنگ جهر ميدان رهندا،
شهر رهندا، سمنڊ رهندا،
واھ ۽ درياھ رهندا، ڇولين ۾ ڇوھ رهندا،
زندگيءَ جا نت نوان هت موھ رهندا مهڪندا!!
پر مان نہ هوندس!
جڳّ رهندو،
ڌرتي ۽ آڪاس رهندا،
ڪائناتي سپ نظارا چمڪندا ۽ جُهومندا!!
پر مان نہ هوندس!
ها اگر پنهنجو بڻايو جنم پومي،
پورهيو تخليق وارو ويو اگهامِي،
بخرا جي اتهاس پاران جرڪندا!!
مان نہ هوندس!
پوءِ بہ هوندس!



www.sindhsalamat.com

## ڪٿي آهين سڄڻ؟

ڪٿي آهين سڄڻ؟
تنهنجي ڦوهه جوڀن جي،
خُوشبُوءِ اڄ ڀِي،
هوائون ڪٿي روز مون ڏي اچن ٿيون،
هُو راتيُن جُون راتيُون، يڪو پيارَ باتيُون،
گُلابِي بدن جُون، عنابي چپن جُون،
سَمُوريُون نِڪارُون،
اڃان ڀِي حواسن ۾ وڪريل لڳن ٿِيُون،
ڪڏهن فون تي مَڌُر ساز آواز ڇيڙي،
وعده لڪيا تو!
ڪڏهن رُوبرُو تو جُنبش ۾ سَڄِڻي،
مِٺيُن سان چپن جُون پتيون سَهيڙي،
وَچن رنگ برنگي وفا جا لکيا تو،
اڄُ ٿُون ڪٿي آن؟؟
ڇيو پاڻ هو تو، وِساري نہ ڇڏجان!!
پنهنجي دل جي خانن مان،
ميساري نہ ڇڏجان!!
مگر سار جُون اڄ لَٽڪِي ترارُون،
ڏارِن ٿيون مونکي،



www.sindhsalamat.com

مارِن ٿيون مونکي،
رُئارِن ٿيون مونکي!
جڏهن توکي سوچيان،
منهنجي دل جي ڌڙڪن ئي بيهي وڃي ٿي،
سوچُن ۾ سَڄڻِي،
تنهنجي ياد ڪاتي جان پيهِي وڃي ٿي،
اندر اڏ، جگر اڏ، جسم ٻيرا ٻيرا!!
ڳنڍي ٿُون سگهين ٿي،
اُداسِي جا گهيرا بہ ٽوڙي سگهين ٿي،
۽ مايُوس راتين جا رولاڪ پيرا،
ڪٿي ٿُون سگهين ٿي!
مِلي ٿُون سگهين ٿي!
جُدائي آ اگني!
ڪٿي آهين سڄڻي؟؟



www.sindhsalamat.com

## جوهي

هي شهر منهنجو
حَسِينَ جوهي،
امڙ جي جهولِيءَ ۾ پيار وانگر!
سچڻ جي جوڀن نِکار وانگر!
گلن جي رنگين پنکڙين تي،
هيءَ ماڪ جي جڙ نَمِي جيان آ
شهر پرينءَ جو
پرينءَ جي پهرين چُمِي جيان آ
سدائين منهنجو
هيءَ ساهه رهندو
محبتن جو گواهه رهندو
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ پرهه جا پيرا
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڏُکن سَويرا
اُفق جي اوجر اُجار جهڙو
هيءَ پوپٽن جي اُڏار جهڙو
آ شام ڏاري شفق جي ورکا
فضا ۾ لالاڻ جي ٿئي ٿي برکا
لهي ٿو سُورج سلام چوندي،
ڏِسن ستارا خوشيءَ مان ڪڙندي،
سندس مٽيءَ مان خمير منهنجو
ءِ اُن سان نيبهه ضمير منهنجو
هيءَ قربتن ۾ اَٿاهه اهڙو
آ سانوڻيءَ ۾ درياهه جهڙو
تتيءَ ٿڌيءَ ۾،
ڏُکيءَ سُکيءَ ۾،
رهي سدا دل نَشينَ جوهي!
هيءَ شهر منهنجو حَسِينَ جوهي!


www.sindhsalamat.com

## او! گورک جي ٽَڪري!!

او گورک جي ٽَڪرِي!!
تون جنت جي ٽِڪرِي،
چوانءِ ڪيئن دوزخ؟؟؟
مگر جيڪي ابهم،
ءِ معصوم جانيُون،
جوانيءَ جي چؤڪٺ تي پهتل حياتيون،
ڊسمبر جي سردي،
ڏُکي چٽگ وانگر،
وڪوڙي جهڳيءَ کي،
راڪاس وانگر ڏيئي لامارا،
سُتل گهر جا ڀاتي،
ڪيا خاڪ سارا،
جلي زندگين تي وِڏيُن پُونءِ ڀاڪِيون،
جي تنهنجي هوا ۾،
ٿڌي جهول تاتيون!!
آڌي جو اَويلا، پيڙ باهه شعلا،
ڪنهين نه پچڻ جون،
ڳنايون پُڪارُون!


www.sindhsalamat.com

آڪاس روئي ڏنيون اوڇنگارون!
ٿي سڏڪيا ملائڪ،
رُنا تنهنجا پٿر،
ڪڙهيا تنهنجا ٺَڪر،
فضا خود ڏنيون ٿي ممڻ ڪي ميارون!
هُو ڪاهي هُو لاهي،
نہ اوهي نہ واهي،
ڏجي ڏوھ ڪنهن تي ؟؟
توتي يا ٻئي تي؟؟؟
يا غربت جي پُڄَ تي؟؟؟
يا بي حس سماجي سَمڪ تي؟؟؟
پلي ڏوھ ڪنهن جو هجي نہ هجي پر،
جي جانيون ويون تن جي قيمت هُئي نہ؟؟؟
اهو سانحو ٿو،
پُڇي سُوال پَڇَرِي!!
او گورک جي ٺَڪرِي!!


www.sindhsalamat.com

## ماءُ توکي آسلام

او! ماءُ مِنڙي!!
جيترو پيو وقت جيئندس،
تنهنجا ڳُڻ ۽ عظمتُون پيو ڳائيندس!
ٿُون حياتيءَ ۾ دُعائن جو بحر هُئينءَ بيقرار،
۽ مماتيءَ ۾ بہ گُونجي،
تنهنجي دُعائن جي تنوار،
اڄ بہ تنهنجي ئي دُعا جو آهي آسرو،
منهنجي لئہ ڄڻ ٻڙ جو گهاٽو ڇانورو!
هِن دنيا ۾ لالچي رشتا سَوين،
ماءُ تنهنجي، پرجهلي بي لوث رشتي،
جو نہ آ نعم البدل،
تنهنجو رشتو، سون سان توريل تَڪِيل!
رُوح جي ٿُون قريب تر آن!!
ماءُ ٿُون ئي، عظيم تر آن!!
تنهنجو رشتو آ انعام!
ماءُ توکي آ سلام!


www.sindhsalamat.com

## ڏرُ-ڄِي مِٽي

ڏات جا ڪوئي پر پکيڙي،
شهرتُن جي آسمانن تي اُڏامي،
پُونءِ ڪي گُهوري ڏسي ٿو
خوش ٿئي ٿو
۽ بُلند پرواز تي خود ڦُونڊجي ٿو
ڪارونجهر ۽ ٿر پِٽُن،
ڪيرٿر جي وادين،
هُو ڳَهُوءَ جي درختن،
ڄاڱرِي ٻيرئُن ۽ ٽڪرئُن،
۽ ڪچي ڪاچي پڪي جي،
انب لِيمن ۽ ڪجين،
لِيار لاٽن ڄارئُن،
ٻڙ جي گهاٽن چانورن ۽ ٿالهئُن،
ڪي تَڪي ٿو
ٻاٻُرِي ٻيلا ڏسي ٿو خوش ٿئي ٿو
سي صفا ڄِيتامڙا سمجهي ڪِلي ٿو
هن جي اک ۾،
ڄڻ سنڌُو آ نالڙُو ۽ لِيڪڙو پاٽي نشان!
ڪينجهرِي ۽ منڇرِي سارا نظارا اک جو زيان!
خود ٿو پُٽڪي،
ڪيتري نہ ڏرتي ننيڙي ٿي لڳي؟!
ڏرتي پُٽڪو سو ڳنائي ٿي وڃي،
ڪيس چئي ٿي،
ڪيتريون پيِ ٿُون وڏيون بُلنديون ڇُهين!
پنهنجي پرڙن تي ڪٽي ڪيڏو اُڏين!
واپسي آخر وري ٻہ،
منهنجي جهوليءَ منجهہ ٿيندءِ
ننڊ ابدي ڪرٽي پوندءِ
ڏَرُ-ڄِي مِٽي چُمٽي پوندءِ!!



## سِپ ۽ موتي

ياد آ موتِي،
مُنهنجِي دل ڄڻ،
سِپَ آ سانئڻ!
سِپَجِي، سِرڪِي،
دل جي ڪِنارن،
ساڻ ٽڪرجِي،
درد سَمُنڊ ۾ موُج تِي آٽي،
چوليُون ڇُلڪِي،
دِل جي ڌهندڙ
دِيوارُن ڪي پائِن ٿِيون،
ڪيرائِن ٿيون،
درد ڳِهان ٿو
اُف نہ ڪُڇان ٿو
خوُف دُنيا جو
سَپُ آ سانئڻ!
ياد آ موتي،
مُنهنجِي دِل ڄڻ،
سِپَ آ سانئڻ!!

# هوءَ منهنجي نه هئي

پيار هُن جو سمنڊ،
لهر لهر تي نچيون پئي،
انڊلٺي رنگتون،
چاهه چانڊوڪيون،
من جي پاتال ۾ سي رهيون ڦهليل!!
هُوءَ وَهِيءَ ۾ اَڙل،
ڇُلڪندڙ ڦُوهه جي ڇولِيُن ۾ اُٿل،
آءُ حُسناڪين جي،
سحر ۾ ٻُڏل!!
هُوءَ اُڪيرون ڪٺي،
ٿي ملي جنهن بہ پل،
سوئي پل بي بها، سوئي پل هو اَمُل!!
ڪهڪشان جهول ۾،
ڏڙڪنون هول ۾،
لڳ لڳن سان ملن،
چپ چپن تي سُرن،
جوت جي اوت ۾، جوش جذبا اَجهل!!
نِرتڪِي هئي فضا،
رقص فطرت ڪيا،
جُهومي جذبا پيا،
هوش جنهن پل ٿِڙيا،



هُن جون ٻانهون ڪنارا، سهارا اٿل!!
بخملي ۽ نرم
هُن جي صندل بدن،
تي چپن سان لکيم،
گيت دوها نظم روز وايون غزل!!
هُوءَ هُڳ ساڻ هُئي،
ساهه سُرهاڻ هُئي،
زندگيءَ جي رنگن،
جي بہ اهڃاڻ هُئي
رُوح رنگينِيُن ۾ اڄ پِيي رچيل!!!
هُوءَ منهنجي هُئي،
مان بہ هُن جو هُئس،
پيار هُن جي جو مان،
روز گهورو هُئس،
من جي منڇر ۾ هُئي جُهولندڙ هوءَ ڪنول!!
حالتُن جي گَرَڻُ،
پيار آئي ڳهڻ،
ڪَرُوڇوڙي ڪنيو
هُوءَ نہ آئي ملڻ،
اڄ بہ آ، آس جو ڪانُ من ۾ ڪُتل!!
هُوءَ اڇي بہ نہ ٿي،
دل مڃي بہ نٿي،
مان نہ هُن جو هئس!!!
هُوءَ نہ منهنجي هُئي!!

## وقت

وقت تہ، اڄ بہ آ
وقت تہ، ڪلهہ بہ هو!!
فرق صرف ايترو
جو وقت مون سان گڏ هُئو
سو وقت اڄ نہ ساٿ آ!
جو ساٿ ساهہ پساهہ هو
محبتُن جو ماڻ هو
سو ساٿ اڄ نہ ساڻ آ!
پوپٽي پرن جيان،
محبتُون، نفرتُون، رنجشُون رُغبتُون،
رنج رُسامن پريُون،
اُپرندڙ اذيتُون ۽ انائن سنديُون،
کوڙ سرگوشيون،
چڙ فضائن ۾ سي،
چمڪندڙ چيريُون،
ذهن ۾، اڄ بہ گُونجن پيون،
گونجندي، ياد جا،
سُر وکيرن پيُون!
وقت اڄ بہ سوَن آ،
لمحو لمحو قيمتي،
فرق صرف ايترو
جو وقت مون سان گڏ هُئو
سو وقت اڄ نہ ساٿ آ!!



www.sindhsalamat.com

## ننڊ مِٺي

ٿُون آن منهنجي ننڊ مِٺي،
جيڪا سُوليءَ تي بہ اچي ٿي،
پر ٿُون ڪٿي آن؟
مونکان ايئن تون ڇا لئہ رُٺِي آن؟
جڏهن کان منهنجي، ماکي جهڙي،
دنيا مان ٿُون اُڏِري وئي آن،
منهنجي وجُود تان،
ريل ڏُکن جي گذِري وئي آ،
هر شئي مونکان وسري وئي آ،
جي نہ اچين تہ، نيڻن ۾ نيزا، ڏينهن ٿو کوڙي،
چين اکين جو رات ٿي روڙي،
تنهنجي فُرقت جِي نِنهڻ ۾،
ڪِرڙي وانگر روز لُڇان ٿو
راهہ پُڇان ٿو منٿ مڃي ٿُون،
هڪڙو ڀيرو آءُ هلي! مُون سان منڙي،وچ توُن مِلي!
ٿُون آن منهنجي ننڊ مِٺي،
ڇا لئہ مون کان آهين رُٺِي!؟



www.sindhsalamat.com

## جيت

لهندڙ سج جي،
روز شفق،
مونکي ڀُڏائي ٿي
تون ستارن ساڻ سجايل،
راتين ۾ ملنديinءَ!!
يا تہ وري،
چنڊ جي چاندوڪي ڀڄجي،
ساهہ وسيلي،
منهنجي رُوح ۾،
پيهي ويندينءَ!!
پر ايئن تہ  سانئڻ!
منهنجي عمر جون ڪيئي بهارون،
گذري ويون!
جن کي هميشہ،
 هار ڏِي ساڳي ريت ملي!!
روز جدائيءَ جي لمحن کي،
سڄڻي آهي جيت ملي!!!



www.sindhsalamat.com

## جُستجُو

اجا من تي اُڪريل،
سي ننڊ پڻ جون يادون!
نِمُن ۾ ٻڏي لوڏ هڪٻئي کي لوڏيون،
فصل ۾ ڪندي گاهہ کيچل سان کيڏون.
۽ سانجهيءَ جو اڪبُوٺ رانديون!
لپي پوءِ بہ سُهڻي وري پاڻ ڳوليون،
وسريون سي ناهن، اجا ياد آهن!
جڏهن تو جُدائي جي اڪبُوٺ کيڏي،
رُني دل هُئي ڪيڏي؟
تون مونکان لِڪي وئينءَ،
الائي ڪِٿ هلي وئينءَ، مان اڃ سُوڏو توکي،
لهي نہ سگهيو هان،
ملي نہ سگهيو هان!
وڇوڙي ۾ سورج وهيءَ جو لهي ويو!
هُو جوڀن جا ڏينهنڙا، اندر منجهہ ڪاتيون،
جوانيءَ جون ساريون رنگين راتيون،
ڏنگينديون هليون ويون،
ڪکينديون هليون ويون،
اجا پي چري دل ٻري ٿي،
اُميدن چارا تَڪي ۽ ڳڻي ٿي،
ملي من وڃين تون،
لپي من پوين تو
اجا آسرو آ!
اجا جُستجو آ!



www.sindhsalamat.com

## تنهنجي نانءَ

منهنجي سائڻ،
چاهيان ٿو تہ ساري حياتي،
تنهنجي گهاٽن وارن جي،
ڇانوءَ ۾ گهاريان!
تنهنجي ٻانهن سيراندي ڪري،
تنهنجي وَهيءَ جي،
سُرهاڻ ڀريل گهنگهور گهٽائن،
ساھ جي ٿڌڙين ٿڌڙين هِيرُن ۾،
مان عمر سموري ننڊ ڪيان!
لال گلابي لبڙن تي،
ڏاڙهونءَ گل جي رنگت جهڙن،
تنهنجن ڳاڙهن ڳلڙن تي،
ڇاتيءَ جي اُڀارن تي،
ساگر جهڙن اونهن گهَرن،
نيڻن تي،
رنگين ۽ سُرها نظم لکان!
پر اهڙو آٽيان ڏانءُ ڪٿان؟؟
جو تنهنجي منڙي نانءِ ڪيان!
جو ڪجهہ آهيان،
جو بہ لکيم سو تنهنجي نانءِ!!



## انڌ ڌُنڌ

ڪنهن چيو
اُڀ ڪي هرگز نہ ڳڇ،
۽ پهاڙن جون وڏيون چوٽيون نہ تَڪ،
رمندي بادل جي ڀُٽيان ايئن هرگز نہ ڊُڪ،
مون پڇيو ڇاڻو ڇوين؟؟
هُن چيو او چريا!!
هنجھ ۽ شهباز ڪي سوچي سُڃاڻ،
ڪُن توڙي ڪناري ۾ تون فرق ڄاڻ،
نٿهڻُن ڪي ڇانورو،
واقفيت ڪي دوستي،
ڀلجي نہ سمجھہ!!
مُون وراڻيو نہ بَڪ!
وقت آندي سَمڪ!
جنهن چيم جو چيم،
سو بلاشڪ سچ هو!!
انڌ هو ڌنڌ هو!
دل چريءَ پر ڪيو نہ هو!!

## ياد جي خوشبُوءِ

پنهنجائپ جي،
خولِ ۾ پنهنجو پاڻ سميٽي،
سنڌُوءَ ڪپ تي،
مون سان مِلِي هُئين ءَ،
ياد اٿم سا شام سُهاڻي،
توکي ٻڙاٽي پائي ٽَڪيُم،
تنهنجو چنبيلي ول بدن،
مهڪي پيو هو!
تنهنجي چپن جي رنگ گُلابي،
سنڌُوءَ جر ۾،
لهر لهرتي رقص ڪيو هو!!
نيڻ ڪنيَئي تہ گُل ٽڙيا ها،
تنهنجي تَنُ جو واس فضا ۾،
وکري ويو هو!
منهنجي من پاتال ۾ پيهي،
منهنجو انگ انگ واسي ويو هو!!
وقت پُڄاڻا،
اڄ پيو سانئڻ!!
شام جو ٽڌڙي هِيرُ ذڪڻ جي،
ياد جي خوشبُوءِ روز ڪڻي،
مهڪِي مهڪِي،
ايندي آ،
منهنجو من واسيندي آ!
ڪيپ سُرور جا آڇيندي آ!!



## متفرق شعر

نيڻ مُرڪي ڪٽندي جذبن کي ٻَڌي تو ڇير هُئي.
بي خودي ۾ رقص جي پئي ڌڙڪنن کي هير هُئي.

ماڪ جان لڙڪ تنهنجي ٻِلن جي گُلن تي ٿِميا ياد ٿئي؟
پؤنر منهنجي چَپن جا پِرِي چاهہ مان پئي چُميا ياد ٿئي؟

منهنجي نيڻن ۾ رهيو تنهنجو سدائين عڪس آ.
ساز رڳ رڳ ۾ ڇِڙيل آ رُوح تائين رقص آ.

جيون سندي نعمت ملي، محبت ملي، شهرت ملي،
بس ڪِينَ تن جي لطف ماڻڻ جي، ڪڏهن فرصت ملي.

اها دوستي دل مڃي بہ ڪِئين،
جا مطلب جا هر هر چُمي پير ٿي.

هُئا هِير هُٻڪساڻ جان واسطا.
سي توقع جي آرِي ڪٽيا رابطا.

اونداها رهي خود ڏئي جان ٻرياسين.
ڇڱائي جا ڏنڊ ڏوهہ دل تي پرياسين.

سج ٿي يا ديپ ٿي يا چنڊ جي چانڊاڻ ٿي.
ذهن جاڳن روشني جو منڊ ٿي مانڊاڻ ٿي.

❊❊❊